# سيده عليها السلام ۽ برزخ

ليکڪ: آيت الله نجم الدين طبسي (زيد عزه)

سنڌيڪار: شوڪت علي منگي

## جملي حق محفوظ آهن

كتاب جو نالو : ______ سيده ﷺ ۽ برزخ

تاليف : ______ آيت الله نجم الدين طبسي

سنڌيڪار : ______ شوڪت علي منگي

نظر ثاني: ______ مولانا نائب علي ڪميلي

ڪمپوزنگ : ______ شيخ ڪاظم حسين معصومي

تعداد : ______ ٣٠٠٠

تاريخ : ______ ٥/٧/٢٠١٢

پيشڪش : ______ سيده مشن پاڪستان

ڇپائيندڙ: ______ ابوطالب اڪيڊمي

بسم الله الرحمن الرحیم

# فهرست


پيش لفظ:.......... ۹

پيءُ جي مهمان.......... ۱۷

سائڻ فاطمہ الزهرا ؑ جي زيارت.......... ۲۰

امام حسين ؑ جي زوار تي خاص لطف ۽ ڪرم.......... ۲۵

مرڻ وقت شيعن وٽ اچڻ.......... ۲۶

هن دنيا مان انتقال ڪرڻ وارن شيعا ٻارن جي تربيت.......... ۳۱

عالم برزخ ۾ سائڻ زهرا ؑ جي عنايتن سان عقيدي جو تربيتي اثر.......... ۳۲

ڪجهہ مثالون.......... ۳۳

۱. عقيدتي بحثن جي طرف هڪ اشارو.......... ۳۴

۲. سائڻ زهرا ؑ قيامت جي ڏينهن.......... ۳۶

۲,۱ سائڻ زهرا جن جو ميدان محشر ۾ اچڻ.......... ۳۷

۲,۲ پنهنجي محبن جي لاءِ سائڻ زهرا ؑ جي شفاعت.......... ۴۱

۳. سائڻ زهرا ؑ ۽ بهشت.......... ۴۲

۲,۳ گنهگارن لاءِ سائڻ زهرا ؑ جي شفاعت ڪرڻ.......... ۴۴

سَنَدَ جي تحقيق.......... ۴۵

۴,۲ سائڻ زهرا ؑ جو پل صراط تي پنهنجو حق مهر طلب ڪرڻ.......... ۴۶

۲,۵ سائڻ زهرا ؑ ۽ امام حسين ؑ جا قاتل.......... ۴۸

**٦..٢ قيامت جي ڏينهن سائڻ زهرا عليها السلام جي پيغمبر اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم سان ملاقات** ........ ٥٠

**٣/١ سائڻ زهرا عليها السلام جو جنت ۾ بغير حساب جي داخل ٿيڻ** ........ ٥٢

**٣/٢ سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام سڀ کان پهرين جنت ۾ داخل ٿينديون** ........ ٥٤

**٣/٣ سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام جن جي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي حالت** ........ ٥٥

**٣/٤ جنت ۾ سائڻ زهرا عليها السلام جي زيارت جي لاءِ انبياء عليهم السلام جو اچڻ)** ........ ٥٥

**٣/٥ امت جي جهنمين جي مٿان سائڻ زهرا عليها السلام جي شفقت** ........ ٥٦

**١/٦/٣ بهشتي محل** ........ ٥٧

**٢/٦/٣ رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم ساڻ رهڻ** ........ ٥٨

**٢/٦/٣ حظيرت القدس ۾ رهائش** ........ ٥٩

**٣/٦/٣ جنت جي عورتن جي سرداري** ........ ٥٩

## مترجم جا ٻول

سائڻ زهرا عالم اسلام جي اها شخصيت آهي جنهن اسلام جي تاريخ مان گهڻو ڀاڱو پنهنجي نالي سان مخصوص ڪيو آهي. سائڻ زهرا عظمت جي ان مقام تي پهتل آهي جو تمام گهڻن ليکڪن،محققن ۽ دانشورن سائڻ جي باري ۾ ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا لکيا آهن. هڪ ارڙهن سالن جي پاڪيزه بيبي جنهن دين جي حمايت ۽ ولايت جي دفاع ۾ ٿورڙي پر اٿاهه عمل سان ڀريل زندگيءَ کي عالم اسلام جي حوالي ڪيو آهي جنهن جي هر پهلو ۾ سمجهڻ وارن جي لاءِ سراسر درس ئي درس آهي. سيده مشن پڻ اهڙن ئي ماڻهن جي سرپرستيءَ هيٺ جيڪي جناب سيده زهرا جي زندگيءَ جي باري ۾ مختلف پهلون تي ڪم ڪري رهيا آهن، هن وقت تائين ڪيترا ئي مقالا ۽ ڪتاب هن ويب سائٽ تي پڙهڻ وارن جي لاءِ شايع ڪري چڪي آهي ۽ سگهوئي بيبيءَ جي زندگينامي جي حوالي سان بزرگ مجتهدن جي مقالن جو مجموعو پڻ منظر عام تي اچڻ وارو آهي. هن موقعي تي آئون پنهنجي استادن حجت الاسلام والمسلمين قبلہ عبد المجيد بهشتي ، حجت

الاسلام والمسلمين قبلہ سيد سليم الله الحسيني ۽ حجت الاسلام والمسلمين قبلہ الله بخش شريفي جن جو پڻ شڪر گذار آهيان جن جي محنتن جي نتيجي ۾ آئون ان قابل بڻيس جو دين مبين جي راھ ۾ خدمت ڪري سگهان. پنهنجي عرض کي هن شعر سان پورو ڪريان ٿو تہ :

لاعذّبَ الله اُمّی اِنّها شَرِبَت ، حُبَ الوَصیّ وغذّتّنیه باللّبَن

وکانَ لی والد یَهوی ابا حسن ، فصِرتُ مِن ذِی و ذا اهوی ابا حَسَن

شعر جو خلاصو :

رب پاڪ منهنجي امڙ تي عذاب نازل نہ ڪجانءِ هن جي دل ۾ علي جي محبت هئي جنهن کي هن ٿڃ جي ذريعي مون کي پيئاريو آهي.

منهنجو والد پڻ ابوالحسن علي عليہ السلام جو شيدائي هو ۽ آئون بہ ٻنهي جي تربيت سان ابوالحسن علي عليہ السلام جو شيدائي بڻجي ويس.

والسلام

شوڪت علي منگي

سائڻ زهرا عليها السلام جي منزلت ۽ سندن شخصيت جي ڄاڻ جي بابن منجهان هڪ باب آخرت (قيامت) ۾ سندن مقام ۽ عظمت جي سڃاڻپ آهي. اگر اسان روايتن ۽ مذهبي تعليمات تي هڪ مختصر نظر ڦيرايون تہ اسان کي چڱيءَ ريت پروڙ پوندي تہ خداوند متعال سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام جن کي عظيم ۽ خاص مَقام ۽ مرتبا عنايت فرمايا آهن.جن منجهان گهڻا فضائل واضح ۽ظاهر ٿي چڪا آهن ۽ڪجهہ فضائلن تان آهستہ آهستہ حجاب هٽي رهيا آهن.

هيٺ ڏنل مقالي ۾ بہ اهڙين جڳهن کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هيءَ بحث ٽن حصن تي مشتمل آهي.

سائڻ زهرا عليها السلام ۽ عالم برزخ

سائڻ زهرا عليها السلام ۽ قيامت

سائڻ زهرا عليها السلام ۽ بهشت برين.

هن بحث ۾ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ فقط قديمي ۽ معتبر ڪتابن منجهان فائدوحاصل ڪيو وڃي.

اصول ڪافي: تاليف ثقتہ الاسلام ڪليني رحمه الله.

ڪامل الزيارات: تاليف ابن قولويہ رحمه الله. شيخ صدوق رحمه الله، شيخ مفيد رحمه الله، سيد رضي رحمه الله ۽ ابن طائوس رحمه الله جون ڪتابون هن بحث جا اهم حوالا آهن.

**پيش لفظ:**

برزخي ۽ روحاني زندگيءَ جو عقيدوخاص ڪرص مذهب شيعہ ۾اهڙيءَ طرح ٻين مذهبن ۾ پاتو وڃي ٿو.

شيعہ تعليمات جي مطابق انسان دنياوي جسمن کان علاوه روح پڻ رکن ٿا ، جيڪو موت کان بعد بہ باقي رهي ٿو ۽ برزخ واري زندگيءَ مان فائدو حاصل ڪري ٿو. برزخ جي اصطلاح سورت مومنون جي آيت نمبر(١٠٠) منجهان ورتي وئي آهي. جيڪا ظاهري طور تي موت ۽ قيامت جي درمياني حالت (يعني برزخ) کي سمجهائي ٿي عالم برزخ جي خصوصيتن منجهان هڪ خصوصيت صورت ۽ مثال ( عالم برزخ ۾ روح جي جسماني ڪيفيت) جهڙيون برزخي حقيقتون آهن ان جي ڪري ئي عالم برزخ کي عالم مثال پڻ سڏيو ويندو آهي.

مرڻ کانپوءِ روحن جي زندگي جي باري ۾ شيخ صدوق جن لکن ٿا تہ:

نفسن جي باري ۾ اسان جو عقيدو آهي تہ نفس ساڳيا روح ئي آهن جيڪي زنده آهن ۽ پهريان انهن کي ئي پيدا ڪيو ويو هو، ۽ روحن ۽ نفسن جي باري ۾ اسان جو عقيدو آهي تہ انهن کي ختم ۽ نابود ٿيڻ لاءِ نہ بلڪ باقي رکڻ جي لاءِ خلق ڪيو ويو آهي، جهڙيءَ ريت رسالتمآب ﷺ جن فرمايو آهي تہ: توهان نابوديءَ جي لاءِ نہ بلڪ باقي رهڻ جي لاءِ خلق ڪيا ويا آهيو ۽ (موت جي ذريعي) فقط هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ ڏانهن منتقل ٿيندا آهيو.

اسان جو عقيدو آهي تہ روح زمين تي غربت جي حالت ۾ آهن ۽ جسمن جي قيد ۾ گرفتار آهن. اسان جو عقيدو آهي تہ روح جسم ۽ جان کان جدا

ٿيڻ کانپوءِ پڻ باقي رهندا جن منجهان ڪجهه روح نعمتن سان نوازيا ويندا ۽ ڪجهه روح عذاب جو مزو چکندا، جيستائين الله پاڪ انهن کي جسمن ۾ واپس نه موٽائي.[١]

شيخ مفيد رحمه الله جن به مرڻ کانپوءِ روحن جي زنده هجڻ جي ڪجهه هن ريت وضاحت فرمائي آهي ته: روح ٻن قسمن جا ٿيندا آهن پهريان اُهي جن کي عذاب يا ثواب جي لاءِ موڪليو ويندو اهي خالص مومنن ۽ پڪي ڪافرن جون روحون آهن، جڏهن ته ٻئي قسم جي روحن کي قيامت تائين عارضي طور تي نابود ۽ ختم ڪيو ويندو ۽ اُهي روحَ قيامت ۽ جسمن ۽ روحن جي ٻيهر خلقت تائين ثواب جي لذت ۽ عذاب جي سختيءَ کي محسوس نه ڪري سگهنديون.[٢]

۽ ٻيو ته روح برزخ جي عالم ۾ پنهنجي دنياوي جسمن جهڙي صورتن منجهه تبديل ٿي ويندا آهن.[٣]

---

[١]. الاعتقادات في دين الاماميہ ؛شيخ صدوق..ص٥١..٤٧

[٢]. شيخ مفيد رحمه الله ڪتاب اوائل المقالات ۾ روحن جي ٽئين قسم جي طرف اشارو ڪندي لکن ٿا ته: اِهي هيءَ ماڻهو آهن جيڪي ائمہ عليهم السلام جي ولايت جا پيروڪار آهن ليڪن اهڙن گناهن کي انجام ڏنو اٿائون جن جي ڪري عذاب آهي. شيخ مفيد رحمه الله جي گفتگو جي مطابق انهن روحن جي نفسن جي پاڪيزگيءَ خاطر برزخي عذاب جائز آهي ۽ اهو خداوند متعال جي مرضيءَ تي مڙهيل آهي

[٣]. انهن روايتن مان شيخ مفيد جن اها مراد ورتي آهي ته انبياء عليهم السلام ۽ ائمہ عليهم السلام جن جا روح پنهنجي دنيا واري جسم سان ئي تعلق رکن ٿا، ۽ انهن جا جسم ۽ روح (ٻئي) آسمان تي هليا ويندا آهن جهڙيءَ ريت شيخ مفيد جن لکن ٿا ته:

(وقد جاءَ فی الحديث ان الانبياء عليهم السلام خاصه والائمه عليهم السلام من بعدهم ينقلون باجسادهم و ارواحهم من الارض الی السماءِ فيتنعمون فی اجسادهم التی کانو فيها عند مقامهم فی الدنيا _ و هذا خاص بحجج الله تعالی دون من سواهم من الناس)[٣]

ان باب ۾ ذڪر ٿيل حديثن منجهان اها سُڌ پوي ٿي تہ جسم جي موت کانپوءِ روح ٻن قسمن (حصن) ۾ تقسيم ٿي وڃن ٿا، ڪجهہ روح ثواب ۽ عذاب جي لاءِ موڪليا وڃن ٿا، ۽ ڪجهہ روح ثواب ۽ عذاب جو احساس محسوس نہ ٿا ڪن ساڳيو مطلب امام جعفر صادق عليه السلام کان بيان ٿيل هڪ حديث ۾ پڻ آيو آهي .

امام عليه السلام کان ڪنهن شخص دنيا مان انتقال ڪرڻ وارن انسانن جي باري ۾ سوال ڪيو تہ انهن جا روح ڪيڏاهن وڃن ٿا؟

امام عليه السلام جن فرمايو: جيڪو انسان يا تہ پڪو ڪافر يا پڪو مؤمن ٿي مري ٿو ان جو روح ان جي جسم جهڙي شڪل ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو ۽ اهو قيامت تائين پنهنجي عملن جي سزا يا جزا پائي ٿو ۽ جڏهن قيامت جي ڏينهن ماڻهن کي قبرن منجهان اُٿاريو ويندو تہ خداوند متعال انهن جي جسمن کي ٻيهر خلق فرمائيندو ۽ ان جي روح کي ٻيو دفعو ان شخص جي جسم منجهہ موٽائي اُٿاريندو تہ جيئن اُن شخص جي اعمالن کي مڪمل طور تي اُن جي طرف موٽائي.[٤]

---

شيخ مفيد ڪتاب اوائل المقالات ۾ پڻ ان ڳالهہ جي وضاحت فرمائي آهي تہ (و اما ا حوالهم بعد الوفات فانهم نقلون تحت التراب فيسکنون باجسامهم و ارواحهم جنته الله تعالی)[٣]

هن نظريي جي عقائدي وضاحت تمام گهٽي آهي ، جنهن جو بيان هن ڪتاب جي وسعت کان ٻاهر آهي.

[٤]. شيخ مفيد مؤمنن ۽ ڪافرن جي برزخي حالت بيان ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ آيتن کي ذڪر فرمايو آهي شيخ مفيد جن لکن ٿا تہ: ”(وشاهد ذالک فی المومن قوله تعالی؛ قيل ادخل الجنته قال يا ليت قومی يعلمون بما غفرلی ربی) وشاهد ما ذکرناه  فی الکافر قوله تعالی؛(النار يعرضون عليها غدوا عشيا ويوم تقوم الساعه ادخلو آل

۽ روح جي ٻئي قسم جي طرف ڪنهن به قسم جي توجهه نه ٿي ڪئي ويجي ۽ جسم جي موت سان گڏ انهن جا روح به ختم ٿيو وڃن، نتيجي جي طور تي هي حشر ۾ اُٿارڻ تائين ڪنهن به شيءِ جو احساس نه ٿا ڪن ۽ هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي پڪا ڪافر يا پڪا مومن ناهن.[٥]

شيخ مفيد برزخ وارن جي شعور ۽ حيات تي دليل جي عنوان سان ٻن تاريخي واقعن جي طرف اشارو فرمائن ٿا انهن منجهان هڪ هن ريت آهي:

حضور اڪرم ﷺ جنگ بدر ۾ قتل ٿيل مشرڪن سان گفتگو فرمائن ٿا ۽ ٻيو واقعو جناب امير المومنين ؑ ڪعب بن سوره ۽ طلحہ سان انهن جي قتل ٿيڻ کان بعد گفتگو فرمائن ٿا. انهن ٻن واقعن جي چوندڊ ان ڪري ڪئي وئي آهي، جو انهن ٻنهي واقعن ۾ ڪجهه ماڻهن رسالتمآب ﷺ جن ۽ حضرت علي ؑ جن تي اعتراض ڪيو هو ته مُردن سان گفتگو ڪرڻ جو ڇا فائدو؟

جنگ بدر واري واقعي ۾ رسول اڪرم ﷺ جن اهو واضح ڪيو ته (مرده) اوهان کان وڌيڪ ٻُڌي سگهن ٿا ۽ جنگ جمل جي واقعي ۾ به امير المؤمنين حضرت علي ؑ فرمايو ٿا ته هي ماڻهو (مُرده) منهنجي ڳالهه ڪي

---

فرعون اشد العذاب) فاخبر سبحانه وتعالى ان مومنا قال بعد موته وقد ادخل الجنه؛ يا ليت قومى يعلمون) و اخبر ان كافرا يعذب بعد موته غدوا وعشيا تقوم الساعه يخلد فى النار"

[٥]. تصحيح اعتقادات الاماميہ الشيخ المفيد.ص..٨٨,٩٠

اهڙيءَ ريت ئي ٻُڌي رهيا آهن جهڙيءَ ريت بدر جي کوھ ۾ اُڇلايل مشرڪن رسول خدا ﷺ جي گفتگو کي ٻُڌو هئو.[٦]

شيعا تعليمات جو هڪ حصو پيغمبر اڪرم ﷺ ۽ اهل بيت ؑ جي برزخ واري زندگي تي مشمل آهي انهن تعليمات منجهان اها پرُوڙ پوي ٿي تہ هي عظيم الشان هستيون برزخ جي عالم ۾ گهڻي عزت ۽ احترام جون مالڪ آهن ،جن منجهان هڪ دنيا جي حالات ۽ واقعن جا آگاه هجڻ آهي.

ان باري ۾ شيخ مفيد عليہ الرحمہ لکن ٿا تہ: رسالتمآب ﷺ ۽ ائمہ معصومين ؑ پنهنجي وفات کانپوءِ بہ پنهنجي شيعن جي حالات کان بي خبر نہ آهن ڇاڪاڻ تہ الله پاڪ هنن کي شيعن جي حال کان مسلسل آگاھ رکندو آهي جيڪو بہ ائمہ معصومين ؑ جي روضن تي وجي راز ۽ نياز کندو آهي تہ ائمہ معصومين ؑ ان جي راز ۽ نياز کي ٻُڌندا آهن. ائمہ معصومين ؑ کي اها طاقت ۽ قُدرت خداوند متعال جي لُطف ۽ غيبي واسطي سان حاصل ٿيندي آهي. جنهن جي ذريعي سان ئي خداوند متعال اهل بيت ؑ ۽ ٻين ماڻهن جي درميان فرق قرار ڏنو آهي، ۽ اهلبيت ؑ جي فضيلت ۽ وڏائي ظاهر فرمائي آهي جهڙيءَ ريت روضي کان پري واري پُڪار ۽ راز ۽ نياز کي انهن تائين پهچايو وجي ٿو.

هي شيعا اماميہ جي تمام فقهاء ۽ محدثن جو نظريو آهي.[٧] خدا جي اوليائن جي لاءِ انهن تمام منزلتن ۽ مرتبن جي هجڻ جي قرآن مجيد پڻ گواهي ڏني

---

[٦]. تصحيح العقائد الاماميہ الشيخ المفيد ص.٩٣..٩٢

آهي، جهڙيءَ ريت خدا جي راهه ۾ شهيد ٿيڻ وارن جي لاءِ قرآن مجيد ۾ ارشاد ٿي رهيو آهي تہ:

ولا تحسبن الذين قُتلو فی سبيل الله امواتا بل احياء عند ربهم يرزقون فرحون بما اتاهم اللهُ من فضله ويستبشرون بالذين لم يلحقو بهم من خلفهم الا زوف عليهم ولا هم يحزنون[٨]

انهن آيتن جي ذريعي ڪجهہ ڳالهيون چڱيءَ ريت واضح ٿين ٿيون پهريون تہ خدا جي راهه ۾ شهيد ٿيڻ وارا جسماني زندگيءَ جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ ٻي زندگيءَ ۾ پهرين منزل کان وڌيڪ اعلیٰ منزل جي طرف روانا ٿين ٿا.
۽ ٻيو تہ اُهي (شهيد) اُنهن مؤمنن جي حال کان بہ آگاهہ آهن جيڪي شهيد نہ ٿيا آهن ۽ اجا دنيا منجهہ موجود آهن. شهيدن جي اها فضيلت ۽ مؤمنن جي حال کان آگاهہ رهڻ شهيدن جي مسرت ۽ خوشحاليءَ جو سبب ٿئي ٿو. خاص ڪري سائڻ فاطمہ عليها السلام جي باري ۾ جيتوڻيڪ جيڪڏهن تمام ڳالهين کان منهن پڻ موڙيو وڃي تڏهن بہ سندن ولايت جي حمايت ڪرڻ ۽ امير المؤمنين عليه السلام جي باري ۾ رسول اڪرم صلی الله عليه وآله وسلم کان بيان ٿيل وصيت تي عمل ڪرڻ جي راهه ۾ شهادت پائڻ ان ڳالهہ کي ثابت ڪري ٿي تہ سائڻ جن برزخ واري زندگيءَ جون مالڪ آهن، جنهن جي ڪري پاڻ پنهنجي تمام

---

[٧]. اوائل المقالات ص.٧٣..٧٢

[٨]. آل عمران آيت،١٦٩ ۽ ١٧٠ شيخ مفيد پيغمبر اڪرم صلی الله عليه وآله وسلم ۽ ائمہ معصومين عليهم السلام جي دنيا ۾ انسانن جي حالن کان آگاهہ هجڻ جي حوالي سان پڻ هنن آيتن جي ذريعي ئي دليل پيش ڪئي آهي.

شيعن جي حالتن کان آگاهه آهن جيتوڻيڪ تاريخ جي ورقن منجهان اها ڳالهه چڱيءَ طرح ثابت آهي تہ سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام طبيعي طور تي رحلت نہ فرمائي آهي بلڪہ روايتن ۾ سندن شهادت جي وضاحت ٿيل آهي.[٩]

مرحوم ڪليني جن اصول ڪافيءَ ۾ نقل فرمائن ٿا تہ: حضرت امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام جن کي وضاحت سان (واضح طور تي) شهيده جي لفظن سان ياد فرمايو آهي.[١٠]

سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام جي عالم برزخ واري زندگيءَ تي اگر ڪا بہ دليل نہ هجي پوءِ بہ سندن خدا جي راهہ ۾ شهيد ٿيڻ ان ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي.

خدا جي راهہ ۾ شهيد ٿيڻ جي باري ۾ بيان ٿيل آيتن کان علاوه ڪيتريون ئي ٻيون آيتون جيڪي رسول اڪرم صلی الله عليہ وآلہ وسلم ۽ اهلبيت عليهم السلام جي شان ۾ نازل ٿيون آهن جن ۾ دنيا وارن ۽ انهن جي اعمالن جي حوالي سان سندن شاهدي ڏيڻ جي درجي تي پهچڻ کي سمجهائن ٿيون جيئن:

(يوم نبعث فی کل امته شهيدا عليهم من انفسهم وجئنا بک شهيدا علی هولاءِ)[١١]

يا قل اعملوا فسيری الله عملکم ورسوله والمومنون وستردون الی عالم الغيب والشهادت فينبئکم بما کنتم تعملون.[١٢]

---

[٩]. الموسوعة الکبریٰ عن فاطمة الزهرا..ج١١ فصل پهريون ۽ ٻيو. ۽ ج.١٥ فصل پهريون ـ ٻيو ۽ ٽيون

[١٠]. عن ابی الحسن قال ان فاطمه صديقۀ شهيده **الڪافي** ج..١ ص..٤٥٨

[١١]. سوره نحل آيت..٨٩

[١٢]. سوره توبہ آيت ....١٠٥

انهن آيتن کان علاوه گهڻيون ئي اهڙيون روايتون موجود آهن جيڪي رسول اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جي رحلت کانپوءِ بہ ماڻهن جي حال احوال کان با خبر هجڻ کي سمجهائن ٿيون.[١٣]

اسان هتي مثال جي طور تي اصول ڪافي ۾ امام جعفر صادق عليه السلام جن کان بيان ٿيل حديث پيش ڪري رهيا آهيون جنهن ۾ امام عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

ماڻهن جا تمام سُٺا ۽ خراب (نيڪ ۽بد) عمل هر ڏينهن رسالتمآب صلى الله عليه وآله وسلم جي بارگاه ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا بس آگاه رهو هي اُهو ئي خدا جو فرمان آهي تہ:

قل اعملوا فسيرى الله عملكم ورسوله[١٤]

هڪ ٻي روايت ۾ سماعہ کان نقل ٿيل آهي تہ مان ٻُڌو تہ امام صادق عليه السلام جن فرمائيندا هُئا تہ توهان پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم کي ڇو ٿا ڏُکايو؟

هڪ شخص چيو تہ اسان پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم کي ڪيئن ڏُکائي سگهون ٿا ....؟

امام صادق عليه السلام جن فرمايو تہ ڇا توهان کي معلوم نہ آهي تہ توهان جا عمل پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم جي خدمت ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا؟

جڏهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وآله وسلم کو گناه ڏسن ٿا تہ غمگين ٿيو وڃن

خبردار! رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم کي غمگين نہ ڪريو توهان کي گهرجي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم کي خوشحال ڪريو.[١٥]

---

[١٣]. مثال جي لاءِ ڏسو: ڪتاب ڪافي، ڪتاب الحجة باب عرض الاعمال علي النبي والائمہ عليهم السلام

[١٤]. ڪافي، ڪتاب الحجة باب عرض الاعمام علیٰ النبي والائمہ عليهم السلام، حديث١

بعد ۾ بيان ٿيندڙ دليلن منجهان چڱيءَ ريت اها سُڌ پوندي تہ سائڻ فاطمہ عليها السلام جن اِن قسم جي فضيلتن ۾ رسول اکرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ اهلبيت عليهم السلام سان گڏ آهن ۽ اِن اعليٰ مقام ۽ منزلت جي ڪري ماڻهن خاص ڪري پنهنجي شيعن جي حالات کان با خبر آهن.

شروعات ۾ انهن ڳالهين جي بيان ڪرڻ جو مقصد هي هو تہ برزخ واري زندگيءَ جو ذڪر قرآن مجيد، رسول اکرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ ائمہ معصومين عليهم السلام جي روايتن ۽ شيعا علماء جي طرفان ثابت ٿيل آهي. انهن مقدمن کي ذڪر ڪرڻ کانپوءِ اسان سائڻ صديقہ طاهره عليها السلام جي عالم برزخ واري ڪجهہ جڳهن جي طرف اشارو ڪريون ٿا.

## پيءُ جي مهمان

گهڻين ئي روايتن ۾ ذڪر ٿيل آهي تہ سائڻ فاطمہ عليها السلام جن عالم برزخ ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي پَرَ ۾ آهن.

اهڙيون روايتون جن ۾ سائڻ جي شهادت جو ذڪر ۽ ان سلسلي ۾ رسالتمآب صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو غيب جون خبرون ڏيڻ بيان ٿيل آهن انهن روايتن ۾ رحلت کانپوءِ سائڻ جو پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم وٽ وڃڻ ۽ ان عالَم ۾ حضور پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو سندن استقبال لاءِ اچڻ ثابت آهي شيعا ۽ سني ڪتابن ۾ اها ڳالهہ نقل ٿيل آهي تہ سائڻ عليها السلام جن رسالتمآب صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي رحلت کان ڪجهہ

---

[١٥]. ڪافي، ڪتاب الحجة باب عرض الاعمال علي النبي والائمہ حديث٣

پهريان سندن سيراندي کان ڏکويل ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ بيٺل هيون جو رسالتمآب صلي الله عليه وآله وسلم کين کي اها خوشخبري ٻُڌائي ته منهنجي رحلت کانپوءِ منهنجي اهلبيت عليهم السلام منجهان اوهان سڀ کان پهريان مون سان ملندوءُ سائڻ جن اها ڳالهه ٻُڌي کري مسکرايو.

الموسوعة الکبریٰ عن فاطمة الزهراء منجهه ان حوالي سان ٻاهٺ (٦٢) روايتن کي ذکر کيو ويو آهي جن منجهان کجهه روايتون گهٽين سندن سان بيان ٿيل آهن[١٦]

انهن روايتن منجهان هک روايت شيخ صدوق رحمه الله کتاب کمال الدين ۾ پنهنجي سَنَدَ سان نقل کن ٿا ان روايت ۾ حضرت سلمان رضي الله تعالیٰ عنه سائڻ فاطمه عليها السلام جن کي پنهنجي والد جي سيرانديءَ کان ڏکويل حالت ۾ ٻيهڻ جو ذکر فرمائن ٿا ۽ پوءِ رسول اکرم صلي الله عليه وآله وسلم جو پنهنجي نياڻيءَ کي ڏنل بشارتن منجهان کجهه بشارتن کي ذکر فرمائن ٿا انهن بشارتن منجهان هک بشارت هيءَ هُئي ته:

اي فاطمه عليها السلام! منهنجي اهلبيت عليهم السلام مان سڀ کان پهريان تون اچي مون سان ملاقات کندينءَ

اُن کان بعد جناب سلمان جن سائڻ جو انهن بشارتن کي ٻُڌي خوش ٿيڻ واري احوال کي بيان فرمائن ٿا.[١٧]

---

[١٦]. الموسوعة الکبریٰ عن فاطمة الزهرا.. ج ٤١.ص٣٢٩.فصل اثون اول من لحق برسول الله

[١٧]. کمال الدين، صفحو٢٦٢، باب٢٤، حديث١٠

طبري امامي دلايل الامامة ۾ پنهنجي سنَد سان امام صادق ؑ کان نقل ڪن ٿا:

پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي رحلت کان پهريان سائڻ فاطمہ جن کي خاص طور اها بشارت ڏني هُئي تہ منهنجي اهلبيت ؑ ۾ سڀ کان پهريان سندن مون سان ملاقات ٿيندي.[18]

ثقتہ الاسلام مرحوم ڪُليني ڪتاب ڪافي ۾ اميرالمؤمنين جو سائڻ فاطمہ زهرا ؑ کي دفن ڪرڻ کان بعد چيل جملن کي نقل ڪن ٿا جيڪي جملا گذريل گفتگو لاءِ دليل آهن.

مرحوم ڪُليني امام حسين ؑ جن کان نقل ڪندي فرمائن ٿا تہ امام ؑ جن فرمايو: جڏهن سائڻ زهرا ؑ جي رحلت ٿي تہ امام علي ؑ سائڻ جن کي پوشيده طور دفن ڪيو ۽ مٿيءَ سان سندن قبر کي لُڪائي ڇڏيو، پوءِ أُٿي ڪري رسالتمآب ﷺ جي قبر جي طرف منهن ڪري فرمايائون: يا رسول الله ﷺ اوهان تي منهنجو سلام! اوهان تي سندن نياڻيءَ جو سلام جيڪا سندن زيارت ڪرڻ آئي آهي ۽ جنهن کي سندن روضي مبارڪ جي مٿيءَ حوالي ڪيو آهي ۽ أُها جنهن جي لاءِ خدا چاهيو ٿي تہ سڀ کان پهريان اچي اوهان سان ملي.

---

[18]. دلايل الامامتہ صفحو١٣١

يا رسول الله ﷺ! ليڪن منهنجو غم ۽ ڏُک وڏي ويو هن کان بعد منهنجي راتين جي ننڊ گهٽجي وئي آهي منهنجي دل ۾ اهڙو ته ڏُک آهي جيڪو تيستائين گهٽ نه ٿيندو جيستائين خداوند متعال مون کي اوهان جو پاڙيسري نه بڻائي منهنجو ڏُک ڪيڏو نه وڏو ۽ ٻڙڪندڙ آهي.

ڏسو ته ڪيترو نه جلدي منهنجي ۽ سندن نياڻيءَ جي درميان جدائي اچي وئي آهي، مان اها شڪايت خدا سان بيان ڪندس ۽ تمام جلدي سندن نياڻي سندن امت جي طرفان سنل ظلمن جي اوهان کي خبر ڏيندي. اوهان هُن کان هر هر پُڇا ڪجو ته هن ڇاڇا سَنو آهي، هن جي سيني ۾ باهه جون ڇوليون هٽندڙ درياهُ هئو، ليڪن هوءَ اُن کي بيان ڪري نه سگهندي هُئي ليڪن اڄ کان بعد هوءَ بيان ڪري سگهي ٿي، خداوند متعال به عدل ڪندو ۽ خدا بهترين عدل ڪرڻ وارو آهي.

## سائڻ فاطمہ زهرا ؑ جي زيارت

سائڻ زهرا ؑ جي شهادت کانپوءِ مٿن تي سلام ڪرڻ، سندن زيارت ڪرڻ ۽ ساڻن توسل ڪرڻ شيعا تعليمات جي حساب سان نه فقط صحيح آهن بلڪه انهن ۾ ثواب پڻ آهي شيخ طوسي ؒ پنهنجي ڪتاب تهذيب (جيڪا ڪتب اربعہ منجهان هڪ آهي) ۾ لکن ٿا ته جيڪي فضائل سائڻ زهرا ؑ جي زيارت جي باب ۾ نقل ڪيا ويا آهن انهن کي شمار نه ٿو ڪري سگهجي.[19]

[19]. تهذيب الاحڪام، جلد٦، صفحو١٠

شيخ طوسي رحمه الله حسين بن يزيد بن عبدالملڪ کان ۽ حسين پنهنجي پيءُ (والد) کان ۽ هو پنهنجي ڏاڏي کان روايت نقل ڪن ٿا تہ: آئون سائڻ فاطمہ عليها السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيس سائڻ جن منهنجي سلام ڪرڻ کان پهريان سلام ڪيو ۽ پڇيائون تہ صبح جو سوير ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟
مان وراڻيو چاهيم ٿي تہ برڪت حاصل ٿئي.
سائڻ عليها السلام جن فرمايو جنهن شيءِ جي لاءِ تون آيو آهين منهنجي بابا مون کي اُن شيءِ جي باري ۾ ٻُڌايو آهي. پوءِ سائڻ جن فرمايو جيڪو بہ ٽي ڏينهن منهنجي ۽ منهنجي بابا جي مٿان سلام موڪلي خداوند عالم اُن تي جنت واجب ڪري ڇڏيندو آهي، عبدالملڪ جن فرمائن ٿا: مان سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام جن کان پُڇيو تہ ڇا هي سلام ڪرڻ سندن ۽ رسول اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جي زندگيءَ سان مخصوص آهي؟ سائڻ عليها السلام جن فرمايو جي ها ۽ اسان جي رحلت کان بعد پڻ.[20]
ان روايت کي شيخ مفيد رحمه الله پنهنجي ڪتاب (مزار) ۾ پنهنجي سنَد سان نقل ڪيو آهي.[21]
هن جڳهہ تي ياد ڏيارجي تہ شيخ مفيد رحمه الله ڪتاب اوائل المقالات ۾ اهلبيت عليهم السلام جي رحلت کان بعد بہ دنيا وارن جي اعمالن کان باخبر هجڻ تي ڪجهہ آيتن جي ذريعي دليل پيش ڪئي آهي.

---

[20]. تهذيب الاحڪام .ج.٦.ص١٠,٩

[21]. المزار ..ص ١٧٧

شيخ مفيد ؒ جن لکن ٿا ته: رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي ته: جيڪو به انسان منهنجي قبر جي ويجهو مون تي سلام ڪري ٿو آئون ان جو سلام ٻُڌندو آهيان. ۽ جيڪو به انسان پري ڪان مون تي سلام پڙهندو آهي ان جو سلام مون تائين پهچايو ويندو آهي
(سلام الله عليه ورحمته الله و برڪاته)[٢٢]

شيخ مفيد ؒ ڪتاب تصحيح العقائد الاماميه ۾ مٿين ذڪر ڪيل روايت ڪان علاوه لکن ٿا ته: رسالتمآب ﷺ جن فرمايو آهي ته: جيڪو به مون تي هڪ دفعو درود پڙهندو آهي آئون اُن تي ڏهه دفعه سلام موڪليندو آهيان ۽ جيڪو شخص مون تي ڏهه مرتبه صلات پڙهندو آهي آئون اُن تي سو مرتبه صلواتون موڪليندو آهيان. هاڻ جڏهن توهان ڪي اهو معلوم ٿي ويو آهي هاڻ توهان جي مرضي ته توهان مون تي صلواتون گهٽيون پڙهو يا گهٽ.[٢٣]

اهڙيءَ ريت پاڻ سڳورن ﷺ واضح ڪري ڇڏيو ته پاڻ سڳورا ﷺ رحلت ڪان بعد به هر اُن صلوات ۽ سلام ڪي ٻڌن ٿا جيڪي مٿن پڙهيا وڃن ٿا ۽ اهو تيستائين ممڪن نه آهي جيستائين پاڻ سڳورا ﷺ الله پاڪ جي نزديڪ زنده ۽ حيات نه هجن.

---

[٢٢]. اوائل المقالات .ص٧٣

[٢٣]. تصحصيح العقائد الاماميه، صفحو٩١ ۽ ٩٢

اهڙيءَ ريت ائمہ صلي الله عليه وآله وسلم پڻ زنده ۽ حيات آهن اوهان بہ ويجهڙائيءَ واري سلام کي پاڻ ٻُڌو ٿا ۽ پري کان سلام ڪرڻ واري جو سلام اوهان تائين پهچايو وڃي ٿو ان باري ۾ اسان وٽ صحيح روايتون موجود آهن.

شيخ طوسي جي اِن روايت جي مطابق سائڻ زهرا عليها السلام پڻ ائمہ عليهم السلام جيان آهن ۽ دنياوي زندگي هجي يا دنيا کان بعد واري زندگي متن سلام ڪرڻ جو حڪم سندن والد محترم تي سلام ڪرڻ جو حڪم رکي ٿوان کان علاوه بہ ائمہ عليهم السلام کان اهڙيون روايتن نقل ٿين آهن جن ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم سائڻ فاطمہ عليها السلام سان خصوصي عقيدت جو اظهار فرمايو آهي. جيئن انهن روايتن ۾ متن سلام موڪلڻ، سندن فضائلن ۽ انهن پاران سنل ظلمن جو ذڪر ٿيل آهي اهڙيءَ طرح ساڻن توسل ڪرڻ جو بہ حڪم ڏنو ويو آهي ۽ اسان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سائڻ جي وسيلي سان شفاعت جا طلبگار آهيون. اسان ائمہ معصومين عليهم السلام کان اهڙي ئي مشهور زيارت کي مثال جي طور تي پيش ڪري رهيا آهيون جنهن کي شيخ طوسي ڪتاب تهذيب ۾ امام باقر عليه السلام کان پنهنجي سند سان نقل ڪيو آهي.

يا ممتحنته امتحنک الله الذی خلقک قبل ان يخلقک فوجدک لما امتحنک صابرۀ و زعمنا انا لک اولياء و مصدقون وصابرون لکل ما اتانا به ابوک واتانا بهصيه فانا

نسئلک ان کنا صدقناک الا الحقتنا بتصديقنا لهما بالبشری لنبشر انفسنا بانا قد طهرنا بولايتک)[٢٤]

**سيد ابن طائوس ڪتاب اقبال ۾ هڪ مختصر زيارت پڻ نقل ڪئي آهي ان کي نقل ڪرڻ کان بعد لکن ٿا تہ (روايت ۾ آيو آهي تہ: جيڪو بہ سندن هن عبارت سان زيارت ڪري ۽ پوءِ الله پاڪ کان مغفرت طلب ڪري خدا ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.**

**ان کان علاوه بہ زيارتن جي ڪتابن ۾ گهڻيون ئي زيارتون نقل ڪيون ويون آهن.**[٢٥]

**ائمہ ؑ کان نقل ٿيل اُهي زيارتون ان ڳالهہ کي ظاهر ڪري رهيون آهن تہ بيبي زهرا ؑ پنهنجي زائرن جي حال کان آگاهہ آهن ۽ علماءِ ڪرام زيارتن ۽ توسل ڪرڻ کي فقط انهن عبارتن ۽ لفظن ۾ مخصوص نہ ٿا ڄاڻن بلڪہ جهڙيءَ ريت شيخ صدوق رحمه الله ڪتاب (من لا يحضره الفقيہ) ۾ فرمايو آهي تہ حاجي پنهنجي حج جي سفر دوران رسول اڪرم ﷺ جي زيارت کانپوءِ سائڻ زهرا ؑ جي زيارت پنهنجي لفظن ۾ پڙهي.**[٢٦]

---

[٢٤]. **تهذيب الاحڪام، جلد٦، صفحو١٠٩؛ تهذيب الاحڪام، جلد٦، صفحو١٠٩؛ سيد ابن طائوس ان جهڙي روايت کي ڪتاب جمال الاسبوع ۾ نقل فرمايو آهي ۽ عبارت جي شروعات ۾** (السلام عليکِ) **جي عبارت کي بہ ذڪر ڪيو آهي (جمال الاسبوع، صفحو٣٨ ۽٣٩).**

[٢٥]. **جهڙيءَ طرح شيخ مفيد ڪتاب المزار ۾، صفحو١٧٩**

[٢٦]. **من لا يحضره الفقيہ، جلد٢، صفحو٥٧٢**

## امام حسين عليه السلام جي زوار تي خاص لطف ۽ ڪرم

سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام جن جي دنيا ۾ ظاهرٿيڻ وارن واقعن ۾ فضيلت ۽ عالم برزخ جي زندگيءَ تي مشتمل موضوعن مان هڪ موضوع جنهن تي تمام گهڻيون روايتون دلالت ڪن ٿيون اُهو امام حسين عليه السلام جي زيارت ۽ سندن زوار جي مٿان الله پاڪ جو خصوصي لُطف ۽ ڪرم آهي، اُنهن روايتن جي مطابق سائڻ عليها السلام پنهنجي ٻچڙي جي زوارن مٿان پنهنجي خصوصي نگاهہ رکن ٿيون ۽ انهن جي لاءِ دعا فرمائن ٿيون ۽ جيئن تہ امام حسين عليه السلام جي زوار کي سائڻ عليها السلام جن جي دعا نصيب ٿئي ٿي ان جي ڪري اُنهن روايتن ۾ امام حسين عليه السلام جي زيارت جي لاءِ ماڻهن کي شوق ڏياريو ويو آهي مثال جي طور تي مرحوم ابن قولويہ ڪتاب ڪامل الزيارات ۾ ڪجهہ سندن سان امام صادق عليه السلام کان نقل ڪن ٿا تہ امام عليه السلام جن معاويہ ابن وهب کي فرمايو: ”اي معاويہ خوف ۽ پريشاني جي ڪري امام حسين عليه السلام جي زيارت کي نہ ڇڏ.

ڇاڪاڻ تہ جيڪو بہ امام حسين عليه السلام جي زيارت کي ڇڏيندو اُن وٽ پڇتاءَ کان علاوه ڪجهہ بہ نہ رهندو“

ڇا توهان ان ڳالهہ کي پسند نہ ٿا ڪريو جو خدا وند منان توهان کي ۽ توهان جي نالن کي اُنهن ماڻهن منجهہ شامل ڪري جن جي لاءِ رسول اڪرم ، امير المومنين ، سائڻ فاطمہ ۽ ائمہ معصومين دعا فرمائن ٿا .؟[٢٧]

---

[٢٧].( ڪامل الزيارات ص..١١٦.. اها ساڳئي حديث ٻين سندن سان ..ص ١١٧.ج..٣ تي پڻ نقل ٿيل آهي )

هڪ ٻي روايت ۾ جناب دائود بن ڪثير امام صادق ؑ جن کان نقل ڪن ٿا تہ امام ؑ جن فرمايو : ”رسول اڪرم ﷺ جي نياڻي پنهنجي ٻچڙي جي قبر جي زوارن وٽ ويندي آهي ۽ خداوند متعال کان انهن جي گناهن جي مغفرت طلب فرمائيندي آهي“.[٢٨]

ان کان علاوه ٻيون بہ ڪيتريون ئي روايتون موجود آهن جن منجهہ وضاحت ڪئي وئي آهي تہ سائڻ فاطمہ ؑ جي امام حسين ؑ جي زوارن تي خاص عنايت ۽ نگاھ آهي.

## مرڻ وقت شيعن وٽ اچڻ

معتبر شيعا ڪتابن ۾ اهڙيون گهڻيون روايتون موجود آهن جن ۾ ان حقيقت کي بيان ڪيو ويو آهي تہ سائڻ فاطمہ زهرا ؑ، رسول اڪرم ﷺ ۽ مولا علي ؑ جن سان گڏ سڪرات جي وقت مؤمنن جي سيرانديءَ واري طرف کان اچي ويهن ٿيون جنهن جي سبب مؤمن خوشحال ٿين ٿا.

ثقة الاسلام مرحوم ڪُليني عليہ الرحمہ امام جعفر صادق ؑ جن کان ڪتاب ڪافي ۾ نقل فرمائن ٿا تہ: ”جڏهن توهان منجهان ڪنهن جو روح هِن جڳهہ تائين پهچي ٿو (نڙيءَ جي طرف اشارو) اُن کي چيو وڃي ٿو تہ هاڻي کان بعد تون دنيا جي ڏکن سورن کا آزاد آهين) ۽ اُن کي چيو وڃي

---

[٢٨]. ڪامل الزيارات، جلد٤، صفحو، حديث١١٧

ٿو تہ ڏِس تنهنجي سامهون رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم، علي مرتضیٰ عليه السلام ۽ فاطمہ ڪبریٰ عليها السلام جن بينا آهن.[٢٩]

صُدير صيرفي جن بہ نقل ڪن ٿا تہ آئون امام جعفر صادق عليه السلام جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو تہ ڇا مومن جو روح سختيءَ سان نڪرندو آهي؟

امام عليه السلام جن فرمايو: نہ خدا جو قسم جڏهن ملڪ الموت ڪنهن مؤمن جو روح قبض ڪرڻ ويندو آهي تہ مؤمن ڊڄندو آهي ملڪ الموت اُن ڪي چوندو آهي تہ خدا جا ولي نہ ڊڄ! اُن پروردگار جو قسم جنهن محمد صلي الله عليه وآله وسلم ڪي موڪليو مان تہ توهان تي توهان جي ماءُ ۽ پيءُ ڪان وڌيڪ مهربان آهيان پنهنجون اکيون کول ۽ ڏِس اُن وقت رسالتمآب صلي الله عليه وآله وسلم، اميرالمؤمنين عليه السلام، سائڻ فاطمہ عليها السلام، امام حسن، امام حسين عليهما السلام ۽ انهن جي نسل منجهان باقي ائمہ عليهم السلام اُن مؤمن جي سامهون هوندا اُن ڪي چيو ويندو تہ هي رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم، اميرالمؤمنين عليه السلام، سائڻ فاطمہ عليها السلام، امام حسن، امام حسين عليهما السلام ۽ انهن جي نسل منجهان باقي ائمہ عليهم السلام جن آهن جيڪي تنهنجا رفيق آهن.[٣٠]

هڪ ٻي روايت ۾ يونس بن ظبيان امام جعفر صادق عليه السلام جن ڪان روايت نقل ڪن ٿا تہ امام عليه السلام جن فرمايو:

---

[٢٩]. الڪافي، جلد٣، صفحو١٣٤، حديث١٠

[٣٠]. الڪافي، جلد٢، صفحو١٢٧ ۽ ١٢٨

جڏهن ڪنهن مؤمن جي موت جو وقت قريب ٿيندو آهي اُن وقت حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم، اميرالمؤمنين عليه السلام، سائڻ فاطمہ عليها السلام، امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام ۽ الله پاڪ جا مقرب فرشتا اُن مؤمن وٽ ايندا آهن.[٣١]

ذڪر ڪيل روايتن منجهان ان مطلب جي سُڌ پوي ٿي تہ حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم ۽ سائڻ فاطمہ عليها السلام جن موت جي وقت ۽ مؤمن جي سرانديءَ تشريف آڻن ٿا ڪجهہ ٻين روايتن ۾ آهي تہ زيارت فقط مؤمن سان مخصوص نہ آهي بلڪ هر انسان مرڻ وقت انهن لحظن ڪي ڏسندا ليڪن انهن جي دنياوي عملن ۽ ايمان جي ڪري اُن زيارت جا نتيجا مختلف هوندا. هيٺ هڪ اهڙي ئي قسم جو نمونو پيش ڪجي ٿو جنهن منجهان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ تمام روحن ڪي پنج تن پاڪ جي زيارت نصيب ٿيندي.

شيخ طوسي رحمه الله ڪتاب امالي ۾ حسين بن عون ڪان نقل ڪن ٿا تہ مان سيد حُميريءَ ڪي مرڻ وقت سڪرات جي حالت ۾ ڏٺو سيد حُميريءَ جا پاڙيسري بہ سندس بستر جي پَرَ ۾ بينل هئا جيڪي سڀ عثماني مذهب جا هئا. سيد حُميري هڪ خوبصورت چهري ۽ جسم جو مالڪ هئو اچانڪ سيد حميريءَ جي چهري تي ڪاراڻ جو هڪ نشان ظاهر ٿيو جيڪو ڏسندي ڏسندي سڄي چهري تي ڦيلجي ويو ايستائين جو سيد جو سڄو چهرو ڪارو ٿي ويو اُتي موجود شيعن ڪي اِن ڳالهہ جو ڏاڍو صدمو رَسِيو جڏهن تہ دشمن خوش ٿيڻ لڳا ۽ سيد حُميريءَ ڪي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا ٿورڙو ئي وقت

---

[٣١]. الڪافي، جلد٦، صفحو٢٤٥

گذريو هئو جو سيد حميريءَ جي چهري تي جنهن جڳهہ تان ڪارو داغ ظاهر ٿيو هئو اُن ئي جڳهہ تان هڪ سفيد (نوراني) داغ ظاهر ٿيو ۽ آهستہ آهستہ اهو پکڙجندو ويو ۽ سيد حميريءَ جو سڄو چهرو نوراني ٿي ويو سيد حميريءَ تمام گهڻي ڪمزوري جي باوجود مسڪرايو ۽ هي شعر پڙهيو:

كذب الزاعمون ان عليا

لن ينجى محبه من هنات

قد و ربى دخلت جنته عدن

وعفالى الاله عن سياءتى

فالبشيرو اليوم اولياءَ على

وتوالو الوصى حتى الممات

ثم من بعده تولوءا بينه

واحدا بعد واحد باصفات

ترجمو:

ڪوڙ ڳالهائن ٿا اُهي ماڻهو جيڪي چون ٿا تہ مولا علي عليه السلام پنهنجي حبدارن کي قيامت جي ڏينهن نجات نہ ڏياريندو. خدا جو قسم اميرالمؤمنين عليه السلام سان محبت جي ڪري الله پاڪ منهنجي گناهن کان درگذر فرمايو آهي ۽ آئون جنت عدن ۾ داخل ٿي چڪو آهيان.

علي (عليه السلام) سان محبت ڪرڻ وارن ڪي خوشخبري ٻُڌايو ۽ اُنهن ڪي چئو تہ پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين پيغمبر اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي وصي ۽ جانشين سان محبت ڪي قائم رکن ۽ اميرالمؤمنين عليه السلام ڪان بعد اُن جي اولاد سان جيڪي خاص صفتن جا مالڪ آهن ڪين امام عليه السلام سمجهي ساڻن محبت رکن.

اُن ڪان بعد سيد حُميريءَ الله پاڪ جي وحدانيت، حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي رسالت ۽ اميرالمؤمنين عليه السلام جي امامت جي گواهي ڏني ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيون.

ان قصي جي راوي حسين بن عون جي فرزند پنهنجي والد ڪان اُنهن فضيل بن يسار ڪان ۽ فُضيل امام باقر ۽ امام صادق عليهما السلام ڪان نقل ڪيو آهي تہ امام عليه السلام جن فرمايو:

ڪو بہ روح ايستائين جسم ڪي نہ ڇڏيندو جيستائين محمد صلي الله عليه وآله وسلم، علي عليه السلام، فاطمہ عليها السلام، حسن ۽ حسين عليهما السلام جن جي زيارت نہ ڪري ايستائين جو اُن ديدار جي برڪت سان مرڻ واري جي اکين ڪي ٺڏاڻ ۽ سڪون حاصل ٿيندو آهي. يا مرڻ واري جون اکيون سڙڻ جو احساس ڪنديون آهن. اِها ٺڏاڻ ۽ سڙڻ مرڻ واري جي مؤمن ۽ ڪافر هجڻ سان تعلق رکن ٿيون.[1]

علي بن حسين بن عون جن چون ٿا تہ سيد حُميريءَ وارو اِهو واقعو هر ماڻهوءَ جي زبان تي هئو ۽ سيد حميريءَ جي جنازي ۾ مؤمنن ڪان علاوه

---

[1]. بحارالانوار، جلد٣٩، صفحو٢٤١، حديث٢٩

مخالفن پڻ شرڪت ڪئي ان موضوع جي هڪ ٻئي بہ روايت موجود آهي جنهن ڪي اسان بحث جي ڊگهي ٿيڻ جي سبب ذڪر نہ ڪري رهيا آهيون.[١]

## هن دنيا مان انتقال ڪرڻ وارن شيعا ٻارن جي تربيت

روايتن ۾ سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام سان ڪجهہ اهڙين ڳالهين جي نسبت ڏني وئي آهي جن منجهان سندن شيعن جي مٿان تمام گهڻي شفقت ۽ محبت ظاهر ٿئي ٿي انهن جڳهن منجهان هڪ مقام دنيا مان انتقال ڪرڻ وارن شيعا مؤمنن جي ٻارن جي عالم برزخ ۾ تربيت ڪرڻ آهي.[٢]

والذين آمنو واتبعتهم ذريتهم بايمان الحقنا بهم ذريتهم وما التناهم من عملهم من شیءِ کل امریء بما کسبت رهین. جي تفسير ۾ بيان ٿيل روايت ان ڳالهہ کي ظاهر ڪري ٿي تہ خداوند متعال اهڙن مؤمنن کي جن جا ٻار ننڍپڻ جي حالت ۾ هن دنيا مان انتقال ڪري وڃن ٿا خوش رکڻ لاءِ اُنهن ٻارن کي بغير امتحان جي پنهنجي والدين سان ملائيدو ليڪن ٻين ٻارن جي لاءِ آهي تہ قيامت جي ڏينهن اُنهن جو امتحان ورتو ويندو ۽ فقط امتحان ۾ ڪاميابيءَ جي صورت ۾ ئي اُهي ٻار جنت ۾ داخل ٿي سگهندا.[٣]

---

[١]. جيئن ڪتاب بشارة المصطفیٰ ۾ عماد الدين طبريءَ واري مستند روايت، صفحو٢٥، حديث٧

[٢]. سورت طور، آيت٢١

[٣]. بحارالانوار، جلد٥، صفحو٢٨٩، باب١٣، الاطفال و من لم يتم عليهم الجنۃ في الدنيا

انهن روايتن مان هڪ روايت تفسير قميءَ ۾ امام صادق ؑ جن کان نقل ٿيل آهي ته سائڻ فاطمه زهرا ؑ دنيا مان انتقال ڪرڻ وارن شيعا مؤمنن جي ٻارن جي عالم برزخ ۾ تربيت جي ذميواري ڪنئي آهي.[1]

شيخ صدوق عليه الرحمة ڪتاب التوحيد ۾ امام صادق ؑ جن کان نقل فرمايو آهي ته: (جنهن وقت دنيا مان ڪنهن مومن جو ٻار انتقال ڪري ويندو آهي ته عالم ملڪوت مان منادي آسمان ۽ زمين جي درميان ندا ڏيندو آهي ته آگاهه ٿيو ته فلاڻو پٽ فلاڻي جو انتقال ڪري ويو آهي بس اگر اُن ٻار جو ماءُ پيءُ يا انهن جي رشتيدارن مان مان ڪوئي هڪ پهريان فوت ٿي چڪو آهي ته ٻار کي اُن جي سرپرستيءَ ۾ ڏنو ويندو آهي ۽ ٻي صورت ۾ اُن ٻار کي سائڻ زهرا ؑ جي حوالي ڪيو وڃي ٿو سائڻ ؑ جن عالم برزخ ۾ ان ٻار جي اُن وقت تائين تربيت فرمائن ٿيون جيستائين اُن ٻار جا پيءُ ۽ ماءُ يا رشتيدارن مان ڪو هڪ اُن سان اچي نه ملي پوءِ اُن ٻار کي اُنهن جي حوالي ڪيو ويندو آهي.[2]

## عالم برزخ ۾ سائڻ زهرا جي عنايتن سان عقيدي جو تربيتي اثر

گذريل دليلن جي بنا تي شيعا پنهنجي زندگيءَ ۾ سائڻ زهرا ؑ سان معنوي رابطي کي خصوصي اهميت ڏيندا آهن ويجهي ۽ پري کان سائڻ ؑ جي زيارت، ادب ۽ احترام امام حسين ؑ جي عزاداري برپا ڪري سائڻ

---

[1]. تفسير قمي، جلد٢، صفحو٢٣٢

[2]. توحيد، صفحو٣٩٢، حديث٨؛ الموسوعة الكبرىٰ عن فاطمة الزهرا، جلد٢، صفحو٢٨٠

ؑ جو قُرب حاصل ڪرڻ اِن اُميد سان تہ انهن مجلسن تي سندن خصوصي عنايت ۽ نظرڪرم هوندي آهي، اهڙيءَ ريت قُربُ ۽ ويجهڙائي حاصل ڪرڻ جي نيت سان زيارت سيد الشهداء (ؑ) تي توجهہ ڪرڻ دنياوي ۽ ديني حجتن جي پوري ٿيڻ لاءِ پاڻ سائڻ جو امام حسين ؑ جي شهادت تي عزاداري ڪرڻ ۽ سائڻ سان توسل ڪرڻ ۽ سائڻ جي ذريعي الله پاڪ ڪان شفاعت طلب ڪرڻ اِهي سڀ معنوي ۽ روحاني رابطي جا ڪجهہ مثال آهن. شيعا قرآن ڪريم، پيغمبر اڪرم ﷺ ۽ اهل بيت ؑ جي واضح تعليمات جي بنياد تي اِن ڳالهہ تي يقين رکن ٿا تہ سائڻ زهرا ؑ جي رحلت يا پري ڪان سندن زيارت ۽ توسل ڪرڻ سائڻ جو پنهنجي شيعن جي حالات ڪان با خبر هجڻ ۾ رڪاوٽ نہ ٿو بڻجي. ۽ اِهي عمل خداوند متعال جي نزديڪ پسنديده ۽ آخرت جي سعادت جو سبب بڻجن ٿا. جتي سائڻ زهرا ؑ جي خدمت ۾ هديو، زيارت ۽ توسل ڪرڻ جا اُخروي فائده ظاهر ٿين ٿا اهڙيءَ طرح هڪ اهم ڳالهہ هي بہ آهي تہ سائڻ زهرا ؑ جن جون ڪجهہ اهڙيون تجليون آهن جيڪي هن دنيا ۾ بہ نظر اچن ٿيون جن جو ڪيترن ئي شيعن مشاهدو ڪيو آهي.

## ڪجهہ مثالَ

مرڻ جي وقت ڪجهہ ماڻهن جو سائڻ جي زيارت جوبُڏائڻ.
اُهي سچا خواب جن ۾ مؤمنن ڪي سائڻ جي زيارت نصيب ٿي آهي.
اُهي مُڪاشفا جيڪي سائڻ زهرا ؑ جي تجلين تي مشتمل آهن.

أهي مشڪلاتون جيڪي سائڻ زهرا عليها السلام سان توسل ڪرڻ جي ڪري معجزاتي طور تي آسان ٿي ويون.

زباني ۽ لکت جي اعتبار سان شيعا تاريخ ۾ اهڙا گهڻا واقعا ملن ٿا جيتوڻيڪ متي بيان ڪيل شيون شيعا عقيدي جي مطابق شيعن جي تعليمات ۽ عقائد کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ دليل نہ آهن پر انهن تجربن ۽ واقعن کان اجمالي طور تي انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي خاص ڪري اُن وقت جڏهن انهن واقعن جو واقع ٿيڻ اهل بيت عليهم السلام خاص ڪري سائڻ زهرا عليها السلام جن جو پنهنجي شيعن جي مٿان خاص لُطف ۽ ڪرم کي ثابت ڪن ٿا اِن کان علاوه اِهي شيون دين ، شريعت ۽ اصول دين جي مطابق آهن.

## ٠١ عقيدتي بحثن جي طرف هڪ اشارو

سائڻ زهرا عليها السلام ۽ عالم برزخ جي بحث جي پوري ٿيڻ تي اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ خواب جي عالم ۽ سڪرات واري انسان جو اهلبيت عليهم السلام ۽ پيغمبر اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جي زيارت ڪرڻ شيعا تعليمات ۾ ثابت آهي اِن قسم جي عقائدي بحثن تي علماء الڳ طور تي ڪتابون لکيون آهن.

اٺين صدي هجريءَ جي مشهور عالم دين مرحوم حسن بن سلمان حلي رحمه الله جن جي ڪتاب"المحتضر" جو شمار انهن ئي ڪتابن ۾ ٿيندو آهي.

مرحوم محدث نوري رحمه الله اِن قسم جي عقائدي بحثن کي پنهنجي " ڪتاب دار السلام فيما يتعلق بالروءيا والمنام" ۾ اٺين باب "فی روءُيته النبی والائمه فی المنام" جي عنوان سان بيان فرمائن ٿا تہ: انهن بحثن جو هڪ حصو اهلبيت

عليهم السلام سان ملاقاتن جي ڪيفيت ۽ سڪرات واري انسان يا خواب ڏسڻ واري ماڻهن لاءِ انهن بزرگ هستين جي تجلين ۽ مثالن جي باري ۾ آهي.
جڏهن ته ٻيو حصو اِن ڳالهہ جي تحقيق جي باري ۾ آهي ته ڇا ان قسم جو ديدار ممڪن بہ آهي يا نہ؟
مٿين بيان ڪيل بحثن جي وضاحت هن مختصر ڪتاب ۾ ممڪن نہ آهي. هتي فقط اسان اِن باب ۾ نقل ٿيل علامہ مجلسي رحمه الله جي عبارت ذڪر ڪريون ٿا جڏهن تہ هن موضوع سان دلچسپي رکڻ وارن پڙهندڙن جي لاءِ تفصيل سان حوالا ۽ ڪتاب بيان ڪندا سين.
علامہ مجلسي رحمه الله بحار الانوار ۾ اِن موضوع جي ذيل ۾ فرمائن ٿا تہ: آگاهہ ٿيو تہ پيغمبر اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم ۽ ائمہ معصومين عليهم السلام جو مرڻ واري وٽ اچڻ اهڙن مسئلن منجهان آهي جن جي باري ۾ اسان وٽ روايتون "استفاضہ "(روايت مستفيض ان روايت کي چئبو آهي جنهنجي هر طبقي ۾ ٻن يا ٽن راوين کان وڌيڪ راوي هجن)[١] جي حد تائين پهتل آهن ۽ انهن تي شيعن جو عقيدو تمام گهڻو مشهور آهي جنهن جو انڪار ڪرڻ اسان جي بزرگن (علماء) جي طريقي ۽ سيرت جي خلاف آهي انهن پاڪ ذاتن جي حاضر ٿيڻ جي ڪيفيت جي باري ۾ تحقيق ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي بلڪہ ان

---

[١] مقياس لرواية في علم الدراية سيفي مازنداراني ص ٣١

موضوع جي متعلق جيڪا بہ گفتگو اسان تائين پهتي آهي اُن تي اجمالي ايمان رکڻ ڪافي آهي.[١]
علامہ مجلسي رحمه الله ان بحث ۾ موجود نظرين تي تجزيو پڻ ڪيو آهي ۽ نا ممڪن نظرين تي اعتراض پڻ واريا آهن.

## ٢. سائڻ زهرا عليها السلام قيامت جي ڏينهن

قيامت کي سڃاڻڻ جو بهترين رستو قرآن مجيد آهي جنهن ۾ جڳهہ جڳهہ تي قيامت جون نشانيون بيان ڪيون ويون آهن قرآن مجيد ۾ ارشاد ٿي رهيو آهي تہ: ”سوال ڪري رهيا آهن تہ قيامت ڪڏهن ايندي........ ؟
چئہُ! جڏهن اکيون پٿجي وينديون ۽ جڏهن چنڊ کي گرهڻ لڳندو ۽ جڏهن سج ۽ چنڊ کي گڏ ڪيو ويندو. اُن ڏينهن انسان چوندو تہ هاڻ ڪاڏي ڀڄي وڃان؟ بيشڪ ڪا بہ پناهہ گاهہ نہ آهي اُن ڏينهن انسان کي سڀ اعمال جيڪي هن اڳتي موڪليا ۽ پوئتي ڇڏيا ٻُڌايا ويندا بلڪ انسان پاڻ پنهنجو گواهہ ۽ شاهد آهي جيتوڻيڪ انسان عذر خواهي ۽ معذرت ڪري ٿو.[٢]
هڪ ٻي جڳهہ تي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ: (جڏهن قيامت جو محشر بپا ٿيندو اُن ڏينهن انسان پنهنجي ڀاءُ ۽ پنهنجي ماءُ، پيءُ، گهرواريءَ ۽ پٽ کان ڀري ڀڄندو هر انسان اُن ڏينهن هڪ فڪر ۾ هوندو جيڪا اُن لاءِ ڪافي هوندي.[٣]

---

[١]. بحارالانوار، جلد٦، صفحو٢٠٠: ڪتاب العدل والمعادباب ما يباين المومن والڪافر عند الموت و حضور الآئہ عليهم السلام عند ذالک وعند الدفن و عرض الاعمال عليهم السلام

[٢]. سورت قيامت، آيت٦، ١٥
[٣]. سورت عبس، آيت٣٧،٣٣

هن حصي ۾ اسان جي اها ڪوشش رهندي ته نفسا نفسيءَ جي اُن ڏينهن ۾ رسالتمآب صلي الله عليه وآله وسلم جي نياڻيءَ جي حاضر ٿيڻ جي حالت ڪي بيان ڪريون.

## ٢/١ سائڻ زهرا جن جو ميدان محشر ۾ اچڻ

سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام جي قيامت جي ڏينهن محشر جي ميدان ۾ تشريف آڻڻ تي گهڻيون ئي روايتون نقل ٿيون آهن جيڪي سڀ جون سڀ صديقہ ڪبرىٰ عليها السلام جي جاه ۽ جلال ۽ با عظمت انداز سان محشر جي ميدان ۾ اچڻ کي بيان ڪن ٿيون.

حاڪم نيشاپوري ابو هريره کان نقل ڪري ٿو ته رسالتمآب صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته: قيامت جي ڏينهن انبياء عليهم السلام سوارين تي سوار ٿي ڪري پنهنجي قوم جي مؤمنن سان ملاقات فرمائيندا، حضرت صالح عليه السلام پنهجي ڏاچيءَ تي ۽ مان براق تي سوار ٿي ڪري ايندس جنهن جو هر قدم انسان جي نظر جي حد تائين مسافت کي طئي ڪندو جڏهن ته فاطمہ عليها السلام مون کان اڳتي هوندي.[1]

هڪ ٻي حديث اِن مضمون سان بيان ٿي آهي ته: سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام ۽ امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام ٻن بهشتي اُٺن تي سوار هوندا ۽ علي عليه السلام مون سان گڏ براق تي سوار ٿي ڪري ميدان محشر ۾ جلوه افروز ٿيندا ۽

---

[1]. المستدرک علي الصحيحين، جلد٣، صفحو١٥٢؛ حاڪم ان حديث کي مسلم شرطن سان مطابقت جي ڪري صحيح مڃيو آهي.

حضرت بلال ؑ بہ پنهنجي اُٺ تي سوار ٿي ميدان محشر ۾ اچي ڪري آذان چوندا.[1]

سيده زهرا ؑ جن بہ اُٺ تي سوار ٿي ڪري ميدان محشر ۾ ايندیون جڏهن تہ ساڻن گڏ ٿي لک مَلَڪَ ۽ حورون هونديون اِن جي متعلق شيعا ڪتابن ۾ گهڻا مطالب موجود آهن. قيامت جي اَچڙَج ۾ وجهڻ وارن واقعن منجهان رسالتمآب ﷺ امام علي ؑ ۽ حضرت صالح ؑ جن ساڻ بيبي زهرا ؑ جي آمد آهي اِن جي متعلق رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي تہ: "قيامت جي ڏينهن چئن ماڻهن کان علاوه ڪوئي بہ سواريءَ تي سوار نہ هوندو آئون براق تي منهنجي نياڻي غضباء (پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاچيءَ) تي حضرت صالح ؑ پنهنجي ڏاچيءَ تي ۽ علي ؑ بهشتي اُٺ تي سوار هوندا جنهن جي مهار ياقوت جي هوندي ۽ جنهن تي سائي رنگ جا زيور سجايل هوندا.[2]

ان روايت جي مضبوط متن جي ڪري ان روايت جي سَنَد ۾ تحقيق ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي. جيتوڻيڪ ان مضمون جي حمايت ۾ بيون ڪيتريو ئي روايتون موجود آهن انهن منجهان هڪ روايت جيڪا قيامت

---

[1]. ڪنزالعمال، جلد٦، صفحو١٩٣

[2]. "لن يرکب يومئذ الا اربعة انا و علي وفاطمہ ؑ وصالح نبي الله ، اما انا فعلي البراق واما فاطمہ ابنتي فعلي ناقتي غضباء" خصال، صفحو ٢٠٤؛ روضة الواعظين، صفحو١٠٨؛ تفسير نورالثقلين، جلد١، صفحو٧١٥؛ بحارلانوار، جلد٧، صفحو٢٣٢

جي ڏينهن رسول اڪرم ۽ سندن نياڻيءَ جي ملاقات جي باري ۾ آهي علامہ مجلسي رحمه الله نقل ڪئي آهي.[١]

قيامت جي ڏينهن سواريءَ تي سوار ٿي ڪري محشر جي ميدان ۾ اچڻ (جن ۾ چئن سوارن جو ذڪر آيو آهي) اِها روايت سواريءَ جي باري ۾ بيان ٿيل ٻين گهڻين روايتن سان ٽڪرائون رکي ٿي، ظاهر ۾ ائين پيو ڏسڻ ۾ اچي تہ اها روايت قيامت جي ڪجهہ جڳهن کي بيان ڪري رهي آهي يا ڪجهہ جڳهن سان مخصوص آهي ان نظريي جي حمايت ۽ تائيد ۾ هڪ روايت آئي آهي تہ قيامت جي ڏينهن هڪ اهڙو وقت ايندو جو اسان چئن کان علاوه ڪو بہ سواريءَ تي سوار نہ هوندو.[٢]

حاڪم نيشاپوريءَ امام علي عليه السلام کان نقل ڪيو آهي تہ ”مان ٻُڌو تہ رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو مُنادي پردي جي پويان ندا ڏيندو تہ اي محشر وارو پنهنجي اکين کي بند ڪريو تہ رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي نياڻي گذري وڃي.“[٣]

---

[١]. بحارالانوار، جلد٧، صفحو١١٠؛ بمطابق نقل از نامع الاخبار ابن خزار قمي هڪ ٻئي جڳهہ مان ٿورڙي اختلاف سان ابوذر کان نقل ڪيو آهي ڏسو ڪفايت الاثر٥؛ بحارالانوار، جلد٣٦، صفحو٢٨٨؛ مسند فاطمہ عليها السلام، صفحو٤١٦ ۽ ابن شاذان پڻ ٿوري اختلاف سان ان کي نقل ڪيو آهي الفضائل، صفحو٦١؛ بحارلانوار، جلد٢٢، صفحو٥٠٧؛ مستدرڪ الوسائل، ص، ٢٤٥؛ البعث والنشور، صفحو٢٣؛ الحقاق الحق، جلد٢٥، صفحو٥٢٧

[٢]. تفسير قمي، جلد١، صفحو١٢٨؛ بحارالانوار، جلد٧، صفحو٣٢٨

[٣]. المستدرڪ علي الصحيحين، جلد٣، صفحو١٥٣؛ حاڪم نيشاپوريءَ ان حديث کي بخاريءَ ۽ مسلم جي شرطن جي مطابق صحيح ڄاڻيو آهي

حاڪم نيشاپوريءَ ان حديث ڪي هڪ ٻي سند سان پڻ نقل ڪيو آهي ”بس فاطمہ عليها السلام گذرنديون ان حال ۾ جو ڪين سائي رنگ جا ٻہ لباس پهريل هوندا“.[1]

ان حديث ڪي ميثمي[2] ۽ ابن اسير[3] ۽ محب الدين طبري[4] پڻ نقل ڪيو آهي.

خطيب بغداديءَ پڻ ٻن سندن سان حضرت عائشہ ڪان نقل ڪيو آهي تہ رسالتمآب صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو تہ ”قيامت جي ڏينهن مُنادي ندا ڏيندو تہ اي محشر وارؤ پنهنجن سَرَن ڪي جهڪايو تہ جيئن فاطمة زهرا عليها السلام جن گذري وجن.[5]

اِن روايت جو مضمون شيعہ ڪتابن ۾ وڌيڪ تفصيل سان نقل ڪيو ويو آهي مثال جي طور تي هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ رسول اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو تہ: قيامت جي ڏنهن منهنجي نياڻي فاطمہ عليها السلام جنت جي اُٺن منجهان هڪ اُٺ تي سوار ٿينديون ۽ جڏهن تہ اُن اُٺ جي مهار حضرت جبرئيل عليه السلام جي هٿ ۾ هوندي ۽ پڪاري رهيو هوندو تہ پنهنجون اکيون بند ڪيو تہ جيئن رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جي نياڻي گذري وڃي اُن ڏينهن سندن گذرڻ سبب هر پيغمبر، صديق، شهيد سڀ پنهنجون اکيون بند ڪندا.[6]

---

[1]. المستدرڪ علي الصحيحين، جلد٣، صفحو١٦١

[2]. مجمع الزوائد، جلد٩، صفحو٢١٢

[3]. اسدالغابہ، جلد٥، صفحو٥٣١

[4]. ذخائر العقبىٰ ۾صفحو٤٨

[5]. تاريخ بغداد، جلد٨، صفحو١٤١

[6]. اذا كان يوم القيامته تقبل ابنتى فاطمه على ناقته من نوق الجنته مدبحته الجنين و جبرئيل آخذ بخطام الناقته ينادى باعلى صوته ....................”روضتہ الواعظين، جلد١، صفحو١٤٨؛ مناقب آل ابي طالب، ج٣، صفحو٣٢٧؛

### ٢/٢ پنهنجي محبن جي لاءِ سائڻ زهرا جي شفاعت

شفاعت شيعن جي عقيدتي مسئلن منجهان آهي، شيعن جي نزديڪ شفاعت مان مراد گناهن جي بخشش جو واسطو ۽ وسيلو آهي اِن جي ڪري اهو عقيدو معتزلہ گروھ جي عقيدي جي خلاف آهي جيتوڻيڪ اُنهن جو چوڻ آهي تہ جيڪو بہ توبہ ڪرڻ جي بغير مري وڃي ٿو اُن جي شفاعت ۽ مغفرت نہ ٿي ٿي سگهي اهڙيءَ ريت شيعن جو اِهو نظريو اَشعرين جي گروھ جي پڻ خلاف آهي، هو چون ٿا تہ تمام انسانن جي مغفرت ٿيندي.[1]

قيامت جي ڏينهن سائڻ زهرا ؑ جي شفاعت جي باري ۾ رسول اڪرم ﷺ جن کان گهڻيون ئي روايتون نقل ٿيل آهن جن منجهان ڪجھ هيٺ ڏجن ٿيون.

”اي فاطمہ ؑ! توهان کي مبارڪ هجي خداوند متعال جي بارگاھ ۾ اوهان جو وڏو مقام ۽ مرتبو آهي ۽ توهان پنهنجي محبن جي شفاعت فرمائينديون“.[2]

ٻي جڳھ تي پاڻ سڳورا ﷺ ارشاد فرمائن ٿا تہ: منهنجي نياڻي فاطمہ ؑ پنهنجي اولاد ۽ شيعن سان گڏ جنت ۾ داخل ٿينديون خدا جو قسم هي

---

بحارالانوار، جلد٤٣، صفحو٢١٩؛ بشارة المصطفیٰ، صفحو١٨؛ ۽ ٿورڙي فرق سان ڏسو ڪتاب روضتہ الواعظين، جلد١، صفحو١٤٨؛ السرائر، جلد٢، صفحو٦٠١؛ امالي صدوق،صفحو٦٩

[1]. آشنائي با علوم اسلامي ڪلام، صفحو١٨١

[2]. يا فاطمته ابشری فان لکِ عند الله مقام محمود تشفعين فيه لمحبيکِ وشيعتکِ فتشفعين **ڪنزالفوائد، صفحو٦٣؛ العددالقويہ، صفحو٢٥٥؛** وسائل الشيعہ جلد١١، صفحو٥١٨؛ **بحارالانوار، جلد٢٩، صفحو٣٤٦**

ساڳيو الله پاڪ جو واعدو آهي تہ ”اُنهن کي(اُن ڏينهن جو) تمام گهڻو خوف (بہ) غمگين ۽ پريشان نہ ڪندو“[1]

اهڙيءَ طرح ٻي جڳهہ تي ارشاد ٿئي ٿو تہ:

خداوند متعال قيامت جي ڏينهن منهنجي نياڻي فاطمہ ؑ اُن جي اولاد ۽ اُن جي چاهڻ وارن کي جهنم جي باهہ کان آجو ڪري ڇڏيو آهي.[2]

## ٠٣. سائڻ زهرا ؑ ۽ بهشت

شيعہ ۽ سني ڪتابن ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي روايتون موجود آهن جن منجهہ سائڻ زهرا ؑ کي بهشتي چيو ويو آهي ايستائين جو مٿن بهشت کي فرض ڪيو ويو آهي هڪ روايت ۾ رسالتمآب ﷺ سندن باري ۾ فرمايو آهي تہ: ”بيشڪ فاطمہ پنهنجي دامن کي پاڪ رکيو ۽ خداوند متعال ان تي ۽ ان جي اولاد تي جهنم جي باهہ کي حرام قرار ڏنو آهي“[3]

امام صادق ؑ جن کان روايت آهي تہ امام باقر ؑ اهڙيءَ طرح انهن پنهنجي والد کان ۽ انهن پنهنجي والد کان اهڙيءَ ريت اهو سلسلو هلندي

---

[1]. تدخل فاطمته ابنتی الجنته و ذريتها وشيعتها و ذالک قوله تعالى ( لا يحزنهم الفزع الاكبر و تتلقاهم الملائكته هذا يومكم الذى كنتم توعدون **سورت انبياء، آيت١٠٣؛** " **بحارالانوار، جلد٧، صفحو١٣٣٦؛ بحارالانوار، جلد٤٢، صفحو٦٣**

[2]. ان الله عز وجل فطم ابنتى فاطمه و ولدها و من احبها من النار؛ **ذخائر العقبىٰ، صفحو٢٦؛ فضل آل البيت، صفحو٩٨**

[3]. ان فاطمته احصنت فرجها فحرم الله ذريتها على النار؛ **من لا يحضره الفقيہ، جلد٣، صفحو٤٣٨٢؛ ذكر اخبار اصفهان، جلد١، صفحو٧٧**

امام علي ؑ تائين پهچي ٿو ۽ انهن رسالتمآب ﷺ جن جو اهو خطبو نقل فرمايو آهي جنهن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت جابر ؑ کي فرمايو آهي تہ ”جنهن وقت فاطمہ ؑ جن جنت جي دروازي تي پهچنديون تہ پوئتي نگاهہ ڪنديون خداوند فرمائيندو تہ اي منهنجي حبيب جي نياڻي پنهنجو چهرو پوئتي ڇو ڦيرايو اَٿوَ؟

سائڻ ؑ جن چونديون تہ: اي منهنجا پروردگار! آئون اڄ جي ڏينهن پنهنجي قدر ۽ منزلت ڄاڻڻ چاهيان ٿي خداوند متعال فرمائيندو: اي رسول اڪرم ﷺ جي نياڻي پوئتي ڏسو تہ ڪنهن ڪنهن جي دل ۾ سندن يا سندن اولاد مان ڪنهن هڪ جي محبت آهي اُن جو هٿ پڪڙي اُن کي جنت ۾ وٺي وڃو. امام باقر ؑ جن فرمائن ٿا تہ خدا جو قسم جابر! اُن ڏينهن سيده زهرا ؑ اهڙيءَ طرح ماڻهن منجهان پنهنجي شيعن کي چونڊينديون جهڙيءَ ريت پکي سُنن داڻن کي خراب داڻن منجهان چونڊيندو آهي. جنهن وقت سندن شيعا جنت جي دروازي تي جمع ٿيندا تہ خداوند متعال انهن جي دلن ۾ اهو خيال آڻيندو تہ هو ڦري ڪري پوئتي ڏسن، خداوند متعال انهن کي چوندو تہ اي منهنجا بندو پوئتي ڇو منهن ٿا موڙيو ۽ پوئتي ڇا پيا ڏسو؟ جڏهن تہ منهنجي حبيب جي نياڻيءَ توهان جي شفاعت ڪئي آهي.

هو چوندا پروردگار اڄ اسان پنهنجي قدر ۽ قيمت ڄاڻڻ چاهيون ٿا خداوند متعال انهن کي فرمائندو تہ واپس وڃو ۽ جيڪو بہ شخص توهان کي سائڻ زهرا ؑ جي محبت ڪري دوست رکندو هو سائڻ جي محبت جي ڪري

ڪاڏو ڪارائيندو هئو، سائڻ زهرا ؑ جي محبت جي ڪري لباس پارائيندو هو، سائڻ زهرا ؑ جي محبت ڪري توهان کي پاڻ پيئاريندو هو، يا سائڻ زهرا ؑ جي محبت ڪري توهان کي غيبت ڪرڻ کا روڪيندو هئو انهن کي ڏسو ۽ انهن کي هٿ کان وٺي ڪري جنت ۾ داخل ٿي وڃو.[1]

## ٢,٣ گنهگارن لاءِ سائڻ زهرا جي شفاعت ڪرڻ

محمد بن مسلم روايت ڪن ٿا تہ امام باقر ؑ جن فرمايو آهي تہ:

سائڻ زهرا ؑ جهنم جي دروازي تي خاص طور تي بيهنديون قيامت جي ڏينهن هر شخص جي پيشانيءَ تي اُن جو مومن يا ڪافر هجڻ لکيل هوندو اهڙو محب جنهن جا گناه گهڻا هوندا ڪيس حڪم ڏنو ويندو تہ جهنم ۾ داخل ٿي اُن وقت سائڻ زهرا ؑ اُن جي ٻنهي اکين جي درميان ڏسنديون تہ هي اهلبيت ؑ جو محب آهي اُن وقت سائڻ جن چونديون تہ اي منهنجا مولا ۽ آقا! تو منهنجو نالو فاطمہ (ؑ) رکيو آهي ۽ منهنجي ذريعي مون سان ۽ منهنجي اولاد سان محبت ڪرڻ وارن کي جهنم جي باه کان پري رکندؤ ۽ تنهنجو واعدو حق آهي تون پنهنجي ٻڌايل خوشخبريءَ جي خلاف هرگز نہ ڪندين.[2]

---

[1]. تفسير فرات، صفحو٢١٩؛ بحارالانوار،جلد٤٣، صفحو٦٤؛ ناسخ التواريخ، ٣٨٣

[2]. علل الشرايع، جلد١، صفحو٦٩؛ بحارالانوار، جلد٨، صفحو٥٠؛ مسند فاطمہ ؑ، صفحو٣٩٦

## سَنَدَ جي تحقيق

هيءَ حديث شيخ صدوق رحمه الله جن محمد بن موسىٰ بن متوڪل جي ذريعي سان نقل ڪئي آهي، ابن متوڪل جي معتبر هجڻ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي جيتوڻيڪ علامہ رحمه الله، ابو دائود رحمه الله ۽ آيت الله خوئي رحمه الله هن کي قابل اعتماد راوِين منجهان شمار ڪيو آهي. ابن دائود فلاح المسائل ۾ اها دعوىٰ ڪئي آهي تہ ابن متوڪل جي قابل اعتماد هجڻ تي علماء ۾ اتفاق پاتو وڃي ٿو ان کان علاوه شيخ صدوق رحمه الله جن ابن متوڪل کان گهڻيون ئي روايتون پڻ نقل ڪيون آهن ۽ هن تي اعتماد پڻ ڪيو آهي.[1]

ان روايت جي سند ۾ موجود ابن سنان جي باري ۾ مختلف نظريا پاتا وڃن ٿا. ليڪن تحقيق کان بعد معلوم ٿئي ٿو تہ هو پڻ قابل اعتماد آهي. جيتوڻيڪ شيخ مفيد رحمه الله ڪتاب الارشاد ۾ علي بن ابراهيم ۽ ٻين بزرگ علمائن محمد بن سنان کان روايتون نقل ڪيون آهن.

محمد بن سنان جي مذمت ۾ اچڻ واريون روايتون يا تہ پاڻ ضعيف آهن يا تہ حقيقت ۾ اُهي روايتون محمد بن سنان جي قابل اعتماد نہ هجڻ کي نہ ٿيون سمجهائن ان کان علاوه اهڙيون روايتون پڻ موجود آهن. جيڪي محمد بن سنان جي محب اهلبيت عليهم السلام هجڻ تي دليل آهن، اِن جي ڪري ئي شيخ طوسي رحمه الله ڪتاب الغيبت ۾ محمد بن سنان کي ساراهيو آهي.[2]

---

[1]. معجم الرجال الحديث، جلد١٧، صفحو٢٨٤

[2]. ساڳيو

### ۴,۲ سائڻ زهرا ؑ جو پل صراط تي پنهنجو حق مهر طلب ڪرڻ

ڪجھ جو چوڻ آهي تہ جنهن وقت سائڻ زهرا ؑ اهو ٻُڌو تہ سندن والد سندن نڪاح ڪري رهيو آهي ۽ حق مهر جي عنوان سان ڪجھ درهم مقرر فرمايا آهن تہ پاڻ رسالتمآب ﷺ جي بارگاه ۾ آيون ۽ عرض ڪيائون تہ ”ماڻهن جي نياڻن جي شادين ۾ حق مهر جي عنوان سان پئسا مقرر ڪيا ويندا آهن بس منهنجي درميان ۽ انهن جي درميان ڪهڙو فرق ٿيندو؟ آئون اوهان ڪان اهو چاهيان ٿي تہ خداوند منان منهنجو حق مهر امت جي گناهگارن جي شفاعت ڪرڻ مقرر فرمائي...! اُن وقت حضرت جبرئيل ؑ ريشمي ڪاغذ سان نازل ٿيا تا جنهن تي لکيل هوتہ الله پاڪ فاطمہ ؑ جو حق مهر اُن جي والد جي اُمت جي گناهگارن جي شفاعت کي مقرر ڪيو آهي“.

جنهن وقت سائڻ جي شهادت جو وقت قريب آيو تہ پاڻ وصيت فرمائي تہ اُن ڪاغذ کي ساڻن سان گڏ ڪفن منجھ رکيو وڃي ۽ پوءِ فرمايائون:

قيامت جي ڏينهن جڏهن آئون اُٿاري ويندس اُن وقت هن ڪاغذ کي ساڻ کڻي ڪري پنهنجي بابا جي امت جي گناهگارن جي شفاعت ڪنديس.[1]

نسفيءَ پڻ نقل ڪيو آهي تہ بيبي فاطمہ زهرا ؑ پيغمبر ڪان پنهنجو حق مهر سندن امت جي شفائت قرار ڏياريو هئو تہ جيئن پل صراط تان گذرڻ وقت اُن جو مطالبو ڪري سگهن.[2]

---

[1]. اخبارالدول والآثارالاول، صفحو۸۸؛ احقاق الحق، جلد۱۰، صفحو۳۲۷

[2]. نزهة المجالس، جلد۲، صفحو۲۲۵

هڪ ٻي روايت ۾ آيو آهي تہ سائڻ زهرا ؑ امام علي ؑ جن کي فرمايو تہ: ”يا علي ؑ جڏهن مون کي دفن ڪرڻ جو وقت اچي تہ هي ڪاغذ منهنجي ڪفن ۾ رکجو ۽ اُن کي نہ پڙهجو! جڏهن مولا علي ؑ جن سائڻ کي پنهنجي بابا جي حق جو واسطو ڏئي ڪري خط جي متن جي باري ۾ پڇيو تہ سائڻ فرمايو جڏهن منهنجي بابا منهنجي شادي اوهان سان ڪرائي هئي تہ فرمايو هيائون: اي فاطمہ ؑ ڇا اوهان راضي آهيو تہ آئون چار سئو درهمن جي عيوض توهان جو نڪاح علي ؑ سان ڪري ڇڏيان؟

مان وراڻيو تہ آئون علي ؑ سان شادي تي راضي آهيان پر چار سئو درهم حق مهر تي راضي نہ آهيان!

اُن وقت حضرت جبرئيل ؑ نازل ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ: يا رسول الله ﷺ الله پاڪ جن فرمائن ٿا تہ مان جنت ۽ جيڪا بہ شيءِ جنت ۾ آهي سڀ کي فاطمہ ؑ جو حق مهر قرار ڏنو آهي.

سائڻ ؑ وراڻيو آئون راضي نہ آهيان

رسالتمآب ﷺ جن فرمايو اي فاطمہ ؑ توهان حق مهر ۾ ڇا ٿا چاهيو؟

سائڻ وراڻيو تہ توهان جي دل پنهنجي امت جي لاءِ هميشہ فڪرمند رهندي آهي مون کي حق مهر توهان جي امت جي شفاعت گهرجي. حضرت جبرئيل ؑ واپس عرش تي ويا ۽ هن ڪاغذ ساڻ واپس وريا جنهن منجهہ لکيل هئو تہ: امت محمد ﷺ جي امت جي شفاعت کي فاطمہ ؑ جو حق مهر قرار ڏنو آهي“

آئون قيامت جي ڏينهن هن ڪاغذ کي هٿ ۾ کڻي چونديس خدايا! هي محمد ﷺ جي امت جي شفاعت جو پروانو آهي.[1]

### ٢,٥ سائڻ زهرا ۽ امام حسين جا قاتل

قيامت جي ڏينهن سائڻ زهرا ؑ جيتوڻيڪ امت جي گهڻن ئي گناهگارن جي شفاعت فرمائيندين پر گهڻا ئي اهڙا ماڻهو پڻ هوندا جن تي پاڻ تمام گهڻي ناراضگيءَ جو اظهار فرمائيندين ۽ خداوند جبار کان انهن جي مٿان تمام سخت عذاب نازل ڪرڻ جي درخواست فرمائيندين ۽ امام حسين ؑ جا قاتل اهڙن ماڻهن منجهان ئي هوندا.

روايت ۾ آهي ته سيده زهرا ؑ هڪ بهشتي ڏاچيءَ تي سوار ٿي ڪري محشر جي ميدان ۾ تشريف آڻيندين ۽ پوءِ اُن سواريءَ تان لهي ڪري پنهنجي فرزند حسين ؑ جي رَتَ سان رڱيل قميص هٿ ۾ کڻي ڪري فرمائيندين ته:

هي قميص منهنجي پٽ جي آهي ۽ خداوندا تون ڄاڻين ٿو ته هُن سان ڇا ٿيو! پوءِ خداوند متعال جي طرفان آواز ايندو ۽ سائڻ ؑ جي مرضي پُڇي ويندي.

اُن وقت سائڻ الله جل جلاله کان امام حسين ؑ جي قاتلن جي مقابلي ۾ مدد طلب ڪنديون ۽ جهنم جي باهه امام حسين ؑ جي قتل ۾ ملوث

---

[1]. الكوكب الدري، صفحو٢٥٣، ٢٥٤؛ الكبريت الاحمر، جلد٣، صفحو٢٨٣؛ الجنة العاصمه، صفحو٦٩؛ مسند فاطمه ؑ، صفحو٢٨٤

ماڻهن کي ائين ڳهندي جيئن پکي داڻي کي چُڳندو آهي ۾ انهن قاتلن کي مختلف قسمن جا عذاب ڏنا ويندا.[١]

هڪ حديث ۾ شيخ صدوق امام علي بن موسىٰ الرضا عليه السلام جن کان ۾ پاڻ پنهنجي آباء و اجداد کان نقل فرمايو آهي تہ رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو تہ: ”منهنجي نياڻي فاطمہ عليها السلام قيامت جي ڏينهن ان حال ۾ اُٿاري ويندي جو سندس هٿ ۾ خون رڱيل هڪ لباس هوندو جنهن کي هوءَ عرش جي ٿنبن سان لٽڪائينديون ۾ چونديون تہ اي عادل خدا! منهنجي ۾ منهنجي پٽ حسين عليه السلام جي قاتلن جي درميان فيصلو فرمايو پوءِ رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو تہ :

رب ڪعبہ جو قسم خداوند متعال منهنجي نياڻيءَ جي حق ۾ فيصلو فرمائيندو“[٢]

ان حديث جي مطابق سائڻ زهرا عليها السلام پنهنجي ٻچڙي جي قاتلن کان سخت ۾ دردناڪ قسم جو انتقام وٺنديون.

---

[١]. ان حديث جي سند ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي پر ان حديث جي سند ۾ محمد بن موسىٰ آيو آهي جنهن جي حالت واضح نہ آهي تہ هو قابل اعتمادن منجهان آهي يا نہ شايد ان مان مراد شيخ صدوق جن هجن هر صورت ۾ ان حديث جي صحيح هجڻ جون نشانيون موجود آهي.

[٢]. العيون، جلد٢، صفحو٨، حديث٣٣٧؛ بحارالانوار، جلد٤٣، صفحو٢٢٠؛ المناقب ابن مغازلي، صفحو٦٤؛ مودة القربىٰ الهمداني، صفحو١٠٤ ۾ حديث جي آخر ۾ وڌاءُ ڪندي لکن ٿا تہ: ”اللهم جشفعني فيمن بكىٰ في مصيبتہ“ ۾ ڏسو الحقائق الحق، جلد٢٥، صفحو٢١٨ کان ٢٢٩ ۾ ٢٣٣؛ مسند فاطمہ عليها السلام ، صفحو٣٩٥ اهڙيءَ ريت ان ئي مضمون جي ٻئي روايت پڻ موجود آهي ڏسو امالي شيخ صدوق رحمه الله، صفحو٢٥؛ بحارالانوار، جلد٤٣، صفحو٢١؛ عوالم العلوم غايتہ المرام، صفحو٥٩٤؛ روضة الوعظين، صفحو١٤٨

ان کان علاوه ٻي روايت ۾ آهي تہ قيامت جي ڏينهن سائڻ زهرا عليها السلام امام حسين عليه السلام جي قاتلن کان بدلو وٺڻ کان علاوه عزاداري برپا ڪنديون ۽ الله پاڪ جا مقرب فرشتا، انبياء عليهم السلام ۽ مؤمنين سندن مصيبت تي ڳوڙها ڳاڙيندا.[1]

### ٦.٠٠٢ قيامت جي ڏينهن سائڻ زهرا جي پيغمبر اڪرم سان ملاقات

امام علي عليه السلام جن کان روايت آهي تہ پاڻ فرمايائون:

حضرت فاطمہ عليها السلام جن رسالتمآب صلي الله عليه وآله وسلم جن کي عرض ڪيو تہ اي والد محترم آئون قيامت جي ڏينهن اوهان سان ڪٿي ملاقات ڪنديس؟

رسالتمآب صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو تہ بهشت جي دروازي تي جڏهن آئون پرچم حمد کي کنيو بيٺو هوندس ۽ پالڻهار کان پنهنجي امت جي شفاعت طلب ڪري رهيو هوندس فاطمہ زهرا عليها السلام عرض ڪيو اگر آءَ توهان سان اُن جڳهہ تي نہ ملي سگهيس تہ پوءِ ڪٿي ملندس؟

پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو تہ پوءِ حوض ڪوثر جي ڪناري تي جڏهن آئون پنهنجي پيروڪارن کي آب ڪوثر سان سيراب ڪري رهيو هوندس.

سائڻ عليها السلام جن فرمايو تہ اگر آئون اُتي بہ توهان سان نہ ملي سگهيس تہ پوءِ ڪٿي ملاقات ڪندس؟

---

[1]. بحارلانوار، جلد٧، صفحو١٢٧؛ پڻ جلد٤٣، صفحو٢٢٢ ۽ ٢٢٣؛ العوالم، جلد١١، صفحو٣١٧؛ مسند فاطمہ عليها السلام، صفحو٣٩٦

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ پوءِ توهان مون سان پل صراط تي ملاقات کنديون جتي آئون چئي رهيو هوندس تہ خدايا منهنجي نقش قدم تي هلڻ وارن کي سلامتي عطا فرماءِ.
صديقہ ڪبرىٰ ؑ عرض ڪيو تہ اگر آئون اُتي بہ توهان سان نہ ملي سگهيس تہ پوءِ ڪٿي ملندس؟
پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ پوءِ توهان مون سان ميزان وٽ ملاقات کنديون ۽ آئون چئي رهيو هوندس تہ منهنجي رستي تي هلڻ وارن جو خير هجي.
سائڻ ؑ جن فرمايو تہ اگر آئون اُتي بہ توهان سان نہ ملي سگهيس تہ پوءِ ڪٿي ملندس ؟
پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ پوءِ توهان مون سان اُن جڳهہ تي ملنديون جتي ماڻهن کي جهنم ۾ ڦٽو ڪيو ويندو ۽ آئون پنهنجي پيروڪارن کي جهنم جي باهہ کان بچائي رهيو هوندس اهي ڳالهيون ٻُڌڻ کانپوءِ سيّده خوشحال ٿيون.[1]
طبرانيءَ جناب رسالتمآب ﷺ جن کان نقل ڪيو آهي تہ بي بي فاطمہ ؑ پاڪ دامن هيون ۽ پنهنجي عفت ۽ پاڪدامنيءَ جي ڪري پاڻ ۽ سندن جي اولاد جنت ۾ ويندا.[2]
هن باب ۾ اسان سائڻ زهرا ؑ جي جنت جي حالات کي ذڪر ڪندا سين.

---

[1]. ترتيب املي، جلد١، صفحو٤٥٨؛ امالي صدوق،٢٢٧، مجلس٤٦، حديث ١٢؛ بحارالانوار، جلد٨، صفحو١٣٥ ۽ جلد٤٣، صفحو ٣١؛ ناسخ التواريخ، صفحو٢٩١؛ مسند فاطمہ ؑ، صفحو٣٩٣.
[2]. المعجم الڪبير، طبراني،جلد٣، صفحو ٤٢

### ٣/١ سائڻ زهرا جو جنت ۾ بغير حساب جي داخل ٿيڻ

قمي رحمه الله پنهنجي والد ۽ اهي سليمان ديلمي ۽ اُهي ابو بصير کان نقل ڪن ٿا تہ امام صادق عليه السلام جن فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن رسالتمآب جن کي سڏيو ويندو ڪين پيلي رنگ جو لباس پهريل هوندو ۽ پاڻ عرش جي ساڄي پاسي کان بيٺل هوندا پوءِ حضرت ابراهيم عليه السلام کي سڏيو ويندو جناب ابراهيم کي اڇي رنگ جو لباس پهريل هوندو پاڻ پيغمبر اڪرم جي ساڄي پاسي کان اچي بيهندا ان کان بعد امير المومنين عليه السلام کي سڏيو ويندو ڪين کي پڻ پيلي رنگ جو لباس زيب تن ڪيل هوندو ۽ پاڻ جناب ابراهيم جي کاٻي پاسي کان اچي بيهندا. پوءِ امام حسن عليه السلام کي سڏيو ويندو سندن جسم اطهر تي پڻ پيلي رنگ جو لباس سجايل هوندو پاڻ بہ امير المومنين عليه السلام جي ساڄي پاسي کان اچي بيهندا پوءِ امام حسين عليه السلام کي سڏيو ويندو ڪين پڻ پيلي رنگ جو لباس پهريل هوندو پاڻ امام حسن عليه السلام جي ساڄي پاسي کان اچي بيهندا. اُن کان بعد تمام ائمہ عليهم السلام کي سڏيو ويندو ۽ تمام ائمہ عليهم السلام کي پيلي رنگ جو لباس پهريل هوندو ۽ سڀ مان هر هڪ پاڻ کان پهريان واري امام عليه السلام جي ساڄي طرف کان اچي بيهندا پوءِ سندن شيعن کي سڏيو ويندو ۽ پوءِ هو پنهنجي پنهنجي امام عليه السلام جي پويان اچي ڪري بيهندا اُن کان بعد سائڻ فاطمہ عليها السلام کي سندن اولاد ۽ سندن شيعن سميت سڏيو ويندو، نداءِ پروردگار ايندي تہ پوءِ اُنهن کي چيو ويندو تہ جنت ۾ داخل ٿي وڃو ۽ اهو خدا جو واعدو آهي تہ ”جيڪو شخص جهنم جي باهہ

**کان پري رکيو ويو ۽ بهشت ۾ داخل ڪيو ويو اهو پنهنجي مراد تي پهچي ويو"[١]**

**ان روايت جي سند ۾ سليمان الديلمي، (سليمان بن زکريا ۽ سليمان بن عبد الله) جي درميان مشترڪ آهي ۽ علامہ حلي رحمه الله خلاصة الاقوال ۾ ابن غضائري کان نقل ڪندي ان کي ڪوڙو ۽ غالي شمار ڪيو آهي ٻئي طرف آيت الله خوئي رحمه الله انهن ٻنهي جي هڪ هجڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي يعني اِهي ٻئي حقيقت ۾ ابن زکريا ئي آهي، ان بنياد تي (الديلمي) ضعيف آهي ليڪن هڪ هجڻ کي ثابت ڪرڻ جي ڳالهہ ٻنهي جي هڪ هجڻ جي دليل نہ ٿي سگهي ۽ ان مسئلي جي طرف خود آيت الله خوئي رحمه الله پنهنجي ڪتاب الرجال ۾ وضاحت فرمائي آهي.[٢]**

**مامقائي رحمه الله ان مقام تي ان جي ضعيف ۽ قابل اعتماد نہ هجڻ ۾ مونجهاري جو شڪار ٿيو آهي.[٣]**

**۽ آقائي بهبهاني رحمت الله عليہ ابن غضائري جي تضعيفات جي ضعيف هجڻ جي ڪري ان جي حالت جي سُڌاري جي طرف توجهه ڏياري آهي.[٤]**

**پر ان جي ڪري جو تفسير قمي جي رجال کي قابل اعتماد ڄاتو ويو آهي ان ڪري ضعيف هجڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي ان کان علاوه هن روايت ۾**

---

[١]. فمن زحزح عن النار و ادخل الجنت فرو و فاز: سورة آل عمران، آيت ١٨٥: تفسير قمي، جلد١، صفحو١٢٨

[٢]. معجم الرجال، جلد٨، صفحو٢٦١

[٣]. تنقيح المقال، جلد٢، صفحو٦١

[٤]. ساڳيو

غلو (اهلبيت عليهم السلام جي شان کي وڌائڻ) نظر نہ ٿو اچي پر جيڪڏهن اسان هر اُن شخص کي غالي چوڻ شروع ڪيون جيڪو فضائل اهلبيت عليهم السلام کي نقل ڪندو هجي ان صورت ۾ راوِين ۾ ناصبين کان علاوه جن فضائل اهلبيت عليهم السلام لڪايا يا اهلبيت عليهم السلام جي فضائلن کي ٻين جي طرف نسبت ڏنائون انهن کان علاوه ڪوئي بہ قابل اعتماد نہ ٿو رهي.

## ٣/٢ سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام سڀ کان پهرين جنت ۾ داخل ٿينديون

شيعا ۽ سنين وٽ اهڙيون ڪتابون موجود آهن جن ۾ اهوبيان ٿيل آهي تہ جنت ۾ سڀ کان پهريان سائڻ زهرا عليها السلام جن داخل ٿينديون: متقي هنديءَ ابوالحسن احمد بن ميمون کان ۽ رافعيءَ ابي زيد مدنيءَ کان نقل ڪيو آهي تہ رسول اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو آهي تہ:

”جنت ۾ سڀ کان پهريان فاطمہ بنت محمد عليها السلام جن داخل ٿينديون هن اُمت ۾ فاطمہ عليها السلام جو مثال ائين آهي جيئن مريم عليها السلام جو بني اسرائيل ۾“[١]

اهڙيءَ ريت حضرت ابوهريره کان نقل ٿيل آهي تہ هڪ روايت ۾آهي تہ رسالتمآب صلى الله عليه وآله وسلم جن نقل فرمايو آهي تہ:

”جنت ۾ سڀ کان پهريان فاطمہ بنت محمد عليها السلام داخل ٿينديون“[٢] ”هن اُمت ۾ فاطمہ عليها السلام جو مثال ائين آهي جيئن مريم عليها السلام جو مثال بني اسرائيل ۾“[٣]

---

١. ڪنزالعمال، جلد٦، صفحو٢١٩؛ ۽ ڏسو ڪتاب آل محمد مروي، صفحو١٦٥؛ اتحاف السائل، صفحو٧٣؛ احقاق الحق، جلد٢٥، صفحو٢١٧

٢. ميزان الاعتدال، جلد٢، صفحو١٣١

٣. فردوس الاخبار، صفحو٦

## ٣/٣ سائڻ فاطمہ زهرا ؑ جن جي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي حالت

سائڻ زهرا ؑ جي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي حالت جي باري ۾ ڪتابن منجهہ ڏاڍي سُني تعبير ڪئي وئي آهي محب الدين طبري جن امام علي ؑ جن کان نقل ڪيو آهي تہ رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو:

”منهنجي نياڻي فاطمہ ؑ کي قيامت جي ڏينهن ان حالت ۾ اُٿاريو ويندو جو کين ڪرامت جو لباس پهريل هوندو هڪ اهڙو لباس جيڪو آب حيات سان ڌهيل هوندو ۽ سڀ اهل محشر کين تعجب ڀرين نگاهن سان ڏسندا پوءِ پاڻ جنت مان آيل هڪ لباس کي پهرينديون جنهن تي لکيل هوندو تہ رسول خدا ﷺ جي نياڻيءَ کي ڪمال، تمام بزرگيءَ ۽ گهڻي خوشبختيءَ سان جنت ۾ داخل ڪيو وڃي. بس پوءِ پاڻ (٧٠) هزار ڪنيزن جي جهرمٽ ۾ جنت ۾ داخل ٿينديون“

## ٣/٤ جنت ۾ سائڻ زهرا ؑ جي زيارت جي لاءِ انبياء جو اچڻ

تفسير فرات بن ابراهيم ۾ نقل ٿيل آهي تہ امير المومنين علي ؑ جن فرمايو آهي تہ:

هڪ ڏينهن رسول اڪرم ﷺ جن سائڻ زهرا ؑ جن وٽ آيا جڏهن تہ سائڻ فاطمہ ؑ جن غمگين حالت ۾ ويٺل هيون پيغمبر اڪرم ﷺ جن قيامت جي باري ۾ ڪجهہ ڳالهيون بيان ڪيون ۽ پوءِ فرمايائون تہ:

اي فاطمہ ؑ توهان بهشت جي دروازي تي پهچنديون تہ (١٢٠٠٠٠ هڪ لک ويهہ هزار) حورون توهان سان ملاقات ڪنديون اُهي حورون توهان کان

پهريان نہ ڪنهن سان مليون هونديون ۽ نہ ئي توهان سان ملڻ ڪان بعد ٻئي ڪنهن سان ملنديون اُنهن جا هٿ نور سان پريل هوندا اُنهن حورن منجهان هر هڪ حور سون ۽ ياقوت جي سواريءَ تي سوار هوندي جنهن سواريءَ جي مهار موتين جي نهيل هوندا ۽ هر سواريءَ تي جواهرات سان سينگاريل (سُندُس جي بساط هوندي) ”جنهن وقت توهان بهشت ۾ داخل ٿينديون اُن وقت بهشت وارا خوشيون ملائيندا ۽ نور جي ڪرسين تي وينل سندن شيعن جي لاءِ خاص قسم جو طعام پيش ڪندا ۽ اُهي اُن طعام منجهان کاڌو تناول فرمائيندا جڏهن تہ ٻيا ماڻهو اُن وقت تائين پنهنجو حساب ڪتاب ڏيڻ ۾ مشغول هوندا ۽ توهان جا شيعہ جيڪو چاهيندا هميشہ انهن لاءِ آماده هوندو ۽ انهن کي پيش ڪيو ويندو جنهن وقت الله پاڪ جا ولي جنت ۾ ايندا اُن وقت حضرت آدم عليه السلام ۽ تمام انبياء عليهم السلام جن توهان جي زيارت لاءِ ايندا“ جيتوڻيڪ سند جي اعتبار سان ان روايت ۾ سليمان ابن محمد آهي جنهن جي باري ۾ معلوم نہ آهي تہ هو قابل اعتماد آهي يا نہ پر جيئن تہ روايت جو مضمون سنت ۽ ڪتاب (قرآن) جي مخالف نہ آهي ۽ ٻيون روايتون پڻ اِن مضمون جي حمايت ڪن ٿيون ان جي ڪري اسان اِن روايت جي سند سان بحث نہ ڪندا سون.

## ٣/٥ امت رسول (ص) مان جهنمين جي مٿان سائڻ زهرا جي شفقت

ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ:

گناهان ڪبيره جي انجام ڏيڻ وارا جهنم ۾ ”اشهد ان لااله الا الله واشهد ان محمدا عبده ورسوله“ جي گواهي ڏئي رهيا هوندا جڏهن انهن جا آواز بلند

ٿيندا سائڻ فاطمہ عليها السلام جن انهن جي آواز کي ٻُڌنديون ۽ چونديون تہ ”آئون پنهنجي بابا جي اُمت جو آواز جهنم منجهان ٻُڌي رهي آهيان“
الله پاڪ جبرئيل عليه السلام کي چوندو تہ اي جبرئيل!
مان پنهنجي حبيب جي امت جي گناهگارن جي دانهن کي ٻُڌو آهي جيڪي سڀ منهنجي هيڪڙائيءَ جي گواهي ڏئي رهيا آهن مان توکي ان ڳالهہ جو حڪم ڏيان ٿو تہ انهن جي عذاب کي گهٽ ڪر!
جيتوڻيڪ ان عبارت جو روايت هجڻ واضح نہ آهي پر اها عبارت حقيقت جو ڏيک ڏئي ٿي ڇو تہ سائڻ فاطمہ عليها السلام رسول اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن جي جگر جو ٽڪڙو آهن ۽ کين پنهنجي بابا جي امت جي دردن ۽ سختين جو احساس آهي جن کي پاڻ وساري نہ ٿيون سگهو ان جي دليل ۽ سبب هي آهي تہ
١. پاڻ پنهنجو حق مهر پنهنجي بابا جي امت جي شفاعت کي قرار ڏنو هئو.
٢. پنهنجي شهادت واري رات خداوند متعال کان پنهنجي بابا جي امت جي بخشش ۽ انهن جي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي درخواست ڪئي هئي.

### ٣/٦ الله پاڪ جون جنت ۾ سائڻ زهرا عليها السلام جي مٿان خاص عنايتون

جنت ۾ خداوند متعال پنهنجي مهمان سائڻ فاطمہ عليها السلام جي لاءِ خصوصي عنايتون ۽ نعمتون مقرر ڪيون آهن جن منجهان ڪجهہ هيٺ بيان ڪجن ٿيون

### ١/٦/٣ بهشتي محل

رسول اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو آهي تہ:

جڏهن مون کي رات جي وقت (شب معراج) آسمانن جو سير ڪرايو ويو ۽ آئون جنت ۾ داخل ٿيس ۽ قصر فاطمہ ؑ تي پهتس تہ مان ڏٺو تہ ڳاڙهي مرجان جا ستر (٧٠) محل آهن جن جا در ۽ ديوار چمڪندڙ موتين سان ڍڪيل هئا. (١)

### ٢/٦/٣ رسول اڪرم ﷺ سان شريڪ

گهڻن ڪتابن منجهہ مختلف مضمونن سان ڪيترين ئي روايتون نقل ٿيل آهن جيڪي سڀ جون سڀ سائڻ فاطمہ ؑ جي پنهنجي بابا سان گڏ هجڻ کي بيان ڪن ٿيون.

رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

الله پاڪ علي ؑ، فاطمہ ؑ ۽ سندن فرزندن کي دنيا وارن جي لاءِ حجت قرار ڏنو آهي اِهي سڀ قيامت جي ڏينهن هڪ ئي مرتبي تي هوندا ۽ جيڪو بہ انهن جي پيروي ڪندو هدايت پائيندو پوءِ فرمايائون آئون، فاطمہ ؑ، علي ؑ، حسن ۽ حسين ؑ قيامت جي ڏينهن گڏ هوندا سون. (٢)

هڪ ٻي روايت ۾ رسول خدا ﷺ جا صحابي ابو فاختہ رضي الله تعالي عنہ اهو چوندي نظر اچن ٿا تہ:

”هڪ رات رسول اڪرم ﷺ جن سائڻ فاطمہ ؑ جي گهر ۾ هئا رات جي ڪنهن پهر امام حسن ؑ جن جاڳيا ۽ رسول اڪرم ﷺ جن کان پاڻي گهريائون نيڪ ساڳئي ئي وقت امام حسين ؑ جن جاڳيا ۽ رسول اڪرم ﷺ کان پاڻي گهريائون ۽ رسالتمآب ﷺ جن امام حسن ؑ کي پاڻي

ڏنو، سائڻ فاطمہ ؑ رسالتمآب ؑ جن کان سوال ڪيو تہ ڇا اوهان حسنؑ سان حسين ؑ کان وڌيڪ محبت ڪريو ٿا؟

رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ:

حسن ؑ پهريان پاڻي گهريو ان جي ڪري اُن کي پهريان پاڻي ڏنم پوءِ فرمايائون:

اي فاطمہ ؑ: آئون توهان، هي ٻئي ۽ علي قيامت جي ڏينهن گڏ هوندا سون

”هڪ ٻي روايت ۾ آيو آهي تہ رسول اڪرم ﷺ جن مولا علي ؑ جن کي فرمايو تہ:

يا علي (ؑ) توهان ۽ فاطمہ ؑ جنت ۾ منهنجي محل ۾ هوندؤ“

**٢/٦/٣ حظيرت القدس ۾ رهائش**

سيوطي لکيو آهي تہ:

بيشڪ فاطمہ ؑ، علي ؑ، حسنؑ ۽ حسينؑ جنت ۾ حظيرت القدس ۾ هڪ اڇي رنگ جي گنبذ جي سائي ۾ رهندا جنهن جي ڇت عرش الهي هوندو.

**٣/٦/٣ جنت جي عورتن جي سرداري**

ان مطلب کي گهٽيون ئي روايتون سمجهائن ٿيون تہ سائڻ فاطمہ زهرا ؑ جنت جي عورتن جي سردار آهن صحيح بخاريءَ ۾ نقل ٿيل آهي تہ رسالتمآب ﷺ جن سائڻ فاطمہ ؑ جن کي فرمايو ڇا توهان جنت جي عورتن جي سردار هجڻ تي خوش نہ آهيو؟

**اهڙيءَ ريت ترمذي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته:**

**رسول اڪرم صلی الله علیه وآله وسلم وٽ هڪ فرشتو آيو ۽ کين بشارت ڏني ته فاطمه عليها السلام جنت جي عورتن جي ۽ امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام جنت جي جوانن جا سردار آهن.**

"والحمد لله رب العالمين"

**خداوند متعال جي توفيق ۽ ڪريمه اهلبيت عليهم السلام بيبي سائڻ معصومه عليها السلام جي لُطف سان امام حسين عليه السلام جي ناحق خون جو انتقام وٺڻ واري ۽ دنيا ڪي عدل ۽ انصاف سان پرڻ واري شخصيت مهدي موعود حضرت امام زمان عجل الله تعالی فرجه الشريف جي ولادت ڏهاڙي تي حرم مطهر ڪريمه اهلبيت سائڻ معصومه عليها السلام ۾ پورو ٿيو.**

**تاريخ١٥ شعبان ١٤٣٤ هجري**

**ٽائيم ٨:٢٣ بعد از ظهر**

٢٠١٢..٠٧..٠٥